Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
پاڪ
ڪراچي
website:www.dailypak.net
TM-Reg:465078

جلد: 27 خميس 30 جنوري 2025ع بمطابق 29 رجب المرجب 1446ھ قيمت 20 رپيا شمارو: 077

سنڌ سرڪار پاران اسڪولن ۾ ٻارن کي منجھند جو هڪ ويلو مفت ماني ڏيڻ جو فيصلو

سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه ۽ ورلڊ فوڊ پروگرام (WFP) جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ڪوڪواوشي ياما (Ms. Coco Ushiyama) وچ ۾ ٿيندڙ ملاقات ٿي

ملاقات دوران سرڪاري اسڪولن جي ٻارڙن ۾ غذائيت جي کوٽ ۽ خوراڪ سان لاڳاپيل مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ، اسڪول ايجوڪيشن سيڪريٽري زاهد علي عباسي ۽ ٻيا عملدار به شريڪ

گهريلو وسيلن جي کوٽ ۽ وڌندڙ آبادي سبب ڪيترائي والدين پنهنجن ٻارن کي مناسب خوراڪ مهيا ڪرڻ کان قاصر آهن جنهن جو اثر ٻارڙن جي سکيا تي پوي ٿو: سردار شاهه

مفت هڪ ويلو ماني وارو پروگرام خاص طور تي انهن علائقن ۾ شروع ڪرڻ چاهيون ٿا، جتي غربت وڌيڪ آهي ۽ ٻارڙا غذائي جي کوٽ جو شڪار آهن : ملاقات دوران ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ امداد سومرو) سنڌ حڪومت خوراڪ جي عالمي اداري (WFP) سان گڏجي سنڌ سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن کي منجهند جو هڪ ويلو مفت ماني ڏيڻ جو پروگرام شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي/ ڏسو صفحو 3 بقايا 12

ميڊيا انڊسٽري کي مثبت معاشري جي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: شرجيل ميمڻ

سينيئر وزير جي صدارت هيٺ ڪراچي ۾ ڪنٽينٽ اينڊ پروڊڪشن اوور سائٽ بورڊ جو اعليٰ سطحي اجلاس

اجلاس ۾ سيڪريٽري اطلاعات نديم الرحمان ميمڻ، ڊي جي اطلاعات سليم خان، ڊائريڪٽر فلمز حزب الله ميمڻ

انتهاپسند بيانئي جو فعال طور تي مقابلو ڪرڻ جي ضرورت آهي، ميڊيا انڊسٽري رول وارو ادا ڪري: اجلاس ۾ ڳالهيون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ڪراچي ۾ ڪنٽينٽ اينڊ پروڊڪشن اوور سائٽ بورڊ جو اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾، مختلف پراڊڪشن ادارن امن، رواداري، /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

جسقم چيئرمين ڪوسن جي ڌرڻي ۾ پهتو، سهڪار جي خاطري، مقتول جي وارثن کي انصاف ڏنو وڃي: صنعان

ميهڙ لڳ قتل ٿيل پوڙهيت جي وارثن جو لاش پيهر انڊس هاءِ وي تي رکي ڌرڻو، قتل ڪيس داخل

مقتول برڪت علي ڪوسو جي وني جي فرياد تي اي سيڪشن ٿاڻي تي ٻارنهن ڄڻن تي ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪيس ۾ عبدالرزاق مگسي، غلام حسين، منظور، منل، رفيق، ساجن، هڪ اڻڄاتل ۽ ٻين کي نامزد ڪيو ويو

رات پوليس اسان کي آسرو ڏئي روڊ کولرايو پر مگسي برادري جي گهرن تي چڙهائي نه ڪئي آهي ۽ نه ئي جوابدار گرفتار نه ڪيا آهن: مقتول جي وني

اسان جو مگسي ڪوسا زميني تڪرار سان واسطو ناهي، جيستائين جوابدار گرفتار نه ٿيندا اسان جو ڌرڻو جاري رهندو: نصرت ڪوسو

ميهڙ (رپورٽ عظيم جانوري) ميهڙ جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ ڪالهه هٿيارٻندن هٿان قتل ٿي ويل پوڙهيت برڪت علي ڪوسو واقعي جو ڪيس ميهڙ ٿاڻي تي فوتي برڪت علي ڪوسو جي زال مسمات نصرت ڪوسو جي فرياد تي ميهڙ /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

ميهڙ: ڪوسا برادري پاران لاش رکي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڌرڻو هنيو پيو وڃي، صنعان قريشي به شريڪ آهي، متاثر عورت صحافين سان ڳالهائي رهي آهي

پاڪستاني نوجوان جي محبت ۾ ڪراچي آيل آمريڪي واسڻ جو واپس وڃڻ کان انڪار

33 ورهين جي اونيجا اينڊريو رابنسن کي واپس موڪلڻ لاءِ سموريون ڪوششون ناڪام، ناري نوجوان جي گهر پهچي وئي

آمريڪي واسڻ جهاز ۾ سوار ٿيڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو، ايئرپورٽ انتظاميا جون سڀ ڪوششون ناڪام

اونيجا اينڊريو رابنسن هن ٻارن جي ماءُ آهي، 11 آڪٽوبر تي ڪراچي آئي هئي، نوجوان شادي کان انڪار ڪيو هو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پاڪستاني نوجوان جي محبت ۾ ڪراچي پهچندڙ عورت آمريڪا واپسي کان انڪار ڪري ڇڏيو محبت ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 15


ڪراچي واسي جي محبت ۾ گرفتار ٿي آمريڪا مان آيل عورت

گهوٽڪي پرسان ڄڃ سان ڀريل گاڏي ڪلٽي، عورتن سميت 12 ڄڻا زخمي

پنوعاقل کان ڪشمور ويندڙ ڄڃ سان ڀريل ڊوم گاڏي ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب ڪلٽي ٿي

مائي امتياز، منظوران، طوبيٰ، صدرا، انعم، طيبه ۽ ٻيا زخمين ۾ شامل آهن

گهوٽڪي (رپورٽ حاجي محمد مهر) گهوٽڪي پرسان ڄڃ سان ڀريل گاڏي ڪلٽي، عورتن سميت 12 ڄڻا زخمي، خبر موجب گهوٽڪي /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

ميئر ڪراچي پاران ضلعي ڏکڻ ۾ چائنا گيٽ ڪياماڙي کان اينڊ پوائنٽ تائين تعمير ٿيل روڊ جو افتتاح

شاهراهه شهرين، مهاڻن ۽ آئل مارڪيٽنگ ڪمپنين لاءِ بهترين تحفو آهي: مرتضيٰ وهاب

بلديا عظميٰ علائقي جي اهم ضرورت کي نظر ۾ رکندي 134 ملين رپين جي لاڳت سان ماڙيپور ٽائون کان صدر ٽائون تائين روڊ جي تعمير مڪمل ڪئي

پاڪستان پيپلزپارٽي پنهنجي چيئرمين بلاول ڀٽو جي ڏنل نئين سوچ سان ماڻهن جي خدمت ڪري رهي آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ضلعي ڏکڻ کي ضلعي ڪياماڙي سان ڳنڍيندڙ اهم ترين شاهراهه جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

ڪراچي جو ميئر مرتضيٰ وهاب تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻو ۾ دستار فضيلت ڪانفرنس، علمائن ۽ حافظن جي دستاربندي

اسان شهيد والد جي مشن کي زنده رکيو آهي: راشد محمود سومرو

پاڪ ڪتاب سان رشتو قائم رکندڙ ڪڏهن به مايوس ناهن ٿيندا: خطاب

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) سنڌ جي عظيم ديني درسگاهه /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

سانگهڙ واقعي حڪومت جي مجرمانه ڪردار ۽ بوسيده نظام کي وائکو ڪري ڇڏيو: ڪاشف سعيد شيخ

ڌاڙيل راڄ، قبيلائي جهيڙن وانگر ظالم وڏيرا شاهي به سنڌ لاءِ ناسور بڻجي وئي آهي: جماعت اسلامي امير

متاثر سخت سردي ۾ ڌرڻو هڻي ويٺل آهن، پر هن مهل تائين ڪير به داد رسي ڪرڻ جي لاءِ ناهي آيو

سانگهڙ واقعي جي ايف آءِ آر متاثرن جي مرضي مطابق داخل ڪري ۽ جاچ ڪرائي متاثرن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته سانگهڙ واقعو سنڌ حڪومت جي مجرمانه ڪردار ۽ مدي خارج نظام کي وائکو ڪري ڇڏيو آهي. هڪ طرف لاڙڪاڻي ۾ اڳوڻي گهرو وزير /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

سنڌ يونيورسٽي جي وقتي وائيس چانسلر پاران رجسٽرار سان گڏ بوائز هاسٽلن ۽ واٽر سپلاءِ جو دورو

وي سي پاران هاسٽلن ۾ ڊسپينسري بحال ڪرڻ، هاسٽل ٽائمنگ صبح 6 کان رات 12 تائين رکڻ جو حڪم

پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان کهپائي هاسٽلن ۾ صفائي، سيوريج لائين، واش رومز، ڪينٽينز ۽ شاگردن کي فراهم ٿيندڙ پيئڻ جي پاڻي جو جائزو

پاڻي جي گهٽتائي جو مسئلو حل ٿيڻ وارو آهي، جلد فزيڪل ڪلاسز شروع ڪيا ويندا: وقتي وي سي

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي وقتي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

سکر عدالت ۾ پاڻي کوٽ جي ٻڌڻي، ايس ڊي او سيپڪو پيش، لوڊشيڊنگ شيڊول جو جواب جمع ڪرايو

سيشن ڪورٽ ۾ شهري جي داخل ٿيل درخواست تي ٻڌڻي، ميونسپل جو عملو عدالت ۾ پيش نه ٿيو

درياهه ڪناري شهر آباد آهي ان باوجود شهر پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ دربدر آهن، ڪير نوٽيس وٺڻ وارو ناهي: شهري

سيشن ڪورٽ سماجي ورڪر محمد نعيم سومري جي درخواست تي ٻڌڻي 12 فيبروري تائين ملتوي ڪئي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي واري مسئلو جي حل لاءِ شهري پاران وڪيل /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

ٽرمپ جي خاص نيرن ۾ شرڪت لاءِ بلاول ڀٽو زرداري آمريڪا روانو

ڪراچي (م ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري آمريڪا/ڏسو صفحو 3 بقايا 33

پيڪا ترميمي ايڪٽ 2025 لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج

صحافي جعفرين يار وڪيل معرفت درخواست داخل ڪرائي ڇڏي

درخواست ۾ اليڪشن ڪميشن، پي ٽي اي سميت ٻين کي ڌر بڻايو ويو

لاهور: (م ڊ) پيڪا ترميمي ايڪٽ 2025 کي لاهور هاءِ /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

وڏي وزير جي صلاحڪار جي صدارت ۾ اجلاس، رمضان ۾ قيمتن کي ٻنجوڙڻ لاءِ حڪمت عملي تي غور

شين ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ٿيندي: صوبائي صلاحڪار

عوام کي ضروري شين جي قيمتن جي باري ۾ آگاهي ڏيڻ لاءِ مهم هلائي وڃي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جي سنڌ /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

ڪراچي: شرجيل ميمڻ جي صدارت ۾ ڪنٽينٽ اينڊ پروڊڪشن اوور سائٽ بورڊ جو اجلاس ٿي رهيو آهي

نواز شريف ۽ مريم نواز ڳالهين ناڪام ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيا: ڊاڪٽر سيف

جوڊيشل ڪميشن سان جعلي حڪومت جي حقيقت بي نقاب ٿي سگهي ٿي

نوازشريف عرفان صديقي کي ڳالهين جي ناڪامي جو حدف ڏنو هو: جاري ڪيل بيان

پشاور: (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي اطلاعات بابت صلاحڪار/ڏسو صفحو 3 بقايا 30

ٻارن جي سمگلنگ ۽ دستاويز ڦيرڦار ڪيس، چالان منظوري تي صارم برني جو عدالت سان رابطو

سنڌ هاءِ ڪورٽ ڌرين کان 19 فيبروري تائين جواب گهري ورتو

ماتحت عدالت جي فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي: درخواست ۾ موقف

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻارن جي سمگلنگ ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

اسلام آباد ۾ ترڪيه وفد جي سنڌ جي صوبائي وزير سان ملاقات

ترقي، ثقافتي ورثي جي تحفظ ۽ باهمي تعاون کي فروغ ڏيڻ تي اتفاق

ٺٽي ۽ سجاول ۾ عوامي ڀلائي جا قدم کڻڻ چاهيون ٿا: عبدالرحمان اڪوش

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي اوقاف، مذهبي معاملن، زڪوات ۽ عشر کاتن واري وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي سان اسلام آباد ۾/ڏسو صفحو 3 بقايا 28

OICCI
FOR A
GREEN FUTU
onference
ڪراچي: وڏي وزير مراد علي شاهه کي سي پي ايس جو صدر دعوت نامو ڏئي رهيو آهي

شهر سنواريو ڪميٽي چيئرمين پاران تعلقي اسپتال جي تباهي تي ڳڻتي جو اظهار

چيئرمين مولانا عبدالرحمان واهوچو جي اڳواڻي ۾ تعلقي اسپتال جو دورو، تفصيل ورتا

چئن سالن کان اسپتال نه ٺهي سگهي آهي، عمارت ڪندر جو ڏيک ڏئي پئي: چيئرمين

نصيرآباد (رپورٽ اعظم تگڙ) شهر سنواريو ڪميٽي جي چيئرمين مولانا عبدالرحمان واهوچو جي اڳواڻي ۾ تعلقه اسپتال نصيرآباد جي وزٽ ڪئي /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

پٽ شاهه قومي شاهراهه تي ٻن ڄڻن کان هڪ لک نقدي ۽ موبائيل ڦر

موٽرسائيڪل سوارن لال دين ٻلال ۽ گل محمد لغاري کي يرغمال بڻايو

واقعي جي رپورٽ داخل، ڦريل سامان ۽ رقم واپس ڪرائي وڃي: لال دين

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) پٽ شاهه قومي شاهراهه تي هينڊز ڊسٽرڪٽ متياري جو مئنيجر لال دين ٻلال ۽ هڪ ٻيو ملازم گل محمد لغاري آفيس/ڏسو صفحو 3 بقايا 26

سنگرار ۾ پوليس جو شراب جي ڀٽي تي ڇاپو، شراب ۽ ٻيو سامان هٿ

گجهن ادارن، ايڪسائيز ۽ حد جي پوليس جي مدد سان ڪارروائي ٿي

نقلي شراب جون بوتلون، ڪيميڪل ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو ويو آهي: پوليس

سکر (رپورٽ: شڪيل عاجز) سکر صالح پٽ سنگرار واري/ڏسو صفحو 3 بقايا 25

انجنيئر اسدالله خان سان صدر پيپلز ليبر بيورو ڪراچي ڊويزن اسلم سمون جي اڳواڻي ۾ آيل وفد جي ملاقات

ملازمن جا مسئلا حل ڪرڻ ۽ بهتر سهولتون ڏيڻ ترجيح آهي: ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن

ايندڙ مهيني کان رٽائر ملازمن جي بقاياجات جي مد ۾ وڌيڪ ادائگيون شروع ڪيون وينديون: اسد الله خان

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) واٽر ڪارپوريشن جي ملازمن جا مسئلا حل ڪرڻ ۽ کين بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي اولين ترجيحات /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

ڪراچي: واٽر ڪارپوريشن جي ايم ڊي سان پيپلز ليبر بيورو ڪراچي ڊويزن جو وفد ملاقات ڪندي

نوشهروفيروز ۾ سينيئر وڪيل جي گهر تي پوليس چڙهائي

واقعي خلاف ڊسٽرڪٽ بار جي سڏ تي وڪيلن پاران عدالتي وهنوار جو بائيڪاٽ

پوليس گهر تي چڙهائي ڪري، پڙهائيندڙ استاد ۽ شاگردن کي حراسان ڪيو: عبدالستار

نوشهروفيروز: (ڊ) سينيئر وڪيل ۽ سنڌ بار ڪائونسل جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مقرر ٿيل 12 ايڊيشنل ججن قسم کڻي ورتو

ايڊيشنل ججن جي حلف برداري تقريب سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ڪانفرنس روم ۾ ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مقرر ٿيل 12 ايڊيشنل/ڏسو صفحو 3 بقايا 22

چوٽياريون سانحو: وارثن جو لاش رکي چوٿين ڏهاڙي به ڌرڻو، مختلف تنظيمن پاران ايڪتا جو اظهار

مقتولن جا وارث انصاف جي اوسيئڙي پنهنجي پيارن جا لاش ميرپور چوڪ ۾ رکي انصاف لاءِ واجهائيندا رهيا پر ڪين انصاف جي اميد ڪٿان به ظاهر نه ٿي

ڌرڻي ۾ قوم پرست اڳواڻ رياض چانڊيو، نياز ڪالاڻي، پنهل ساريو، اڳوڻي ايم اين اي لال مالهي جي شرڪت

وارثن جي مرضي موجب ڪيس داخل نه ٿيو ته قوم پرست جماعتن سان ڳالهائڻ بعد سموري سنڌ ۾ هڙتال جو اعلان ڪنداسين: رياض چانڊيو

مظلومن جا لاش انصاف لاءِ روڊن تي پيا آهن اسين مظلومن سان گڏ آهيون: جسقم چيئرمين جون ميڊيا سان ڳالهيون

سانگهڙ (رپورٽ گل محمد سولنگي/ آفتاب مري) سانگهڙ چوٽياريون واقعو مقتولن جي وارثن کي انصاف نه ملي سگهيو چوٿين ڏينهن به ڌرڻو جاري اسان شهيدن جا لاش دفن نه ڪنداسين جيستائين اسان جي مرضيءَ موجب ڪيس/ڏسو صفحو 3 بقايا 34

سانگهڙ: جوابدارن جي گرفتاري جي لاءِ لڳل ڌرڻي کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

صدر تڪراري پيڪا ايڪٽ ترميمي بل تي صحي ڪري ڇڏي

آصف علي زرداري اليڪٽرانڪ ڪرائمز جي روڪٿام (ترميمي) بل 2025 (پيڪا) جي منظوري ڏني

صدر جي صحي بعد پيڪا بل 2025 ۽ نيشنل ڪميشن آف دي اسٽيٽس آف وومين (ترميمي) بل قانون بڻجي

ڊجيٽل نيشن پاڪستان بل 2025 ۽ نيشنل ڪميشن آف دي اسٽيٽس آف وومين (ترميمي) بل جي منظوري بعد جلد نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويندو

اسلام آباد (م ڊ) صدر آصف علي زرداري تڪراري پيڪا/ڏسو صفحو 3 بقايا 35

ڊي جي ايف آءِ اي عهدي تان برطرف، نوٽيفڪيشن جاري

احمد اسحاق جهانگير کي ٻيڙي حادثن ۾ سست جاچ تي هٽايو ويو

گهرو وزارت ڊي جي ايف آءِ اي جي برطرفي لاءِ وزيراعظم کي سمري موڪلي هئي

اسلام آباد (م ڊ) ڊي جي ايف آءِ اي احمد اسحاق /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

حڪومت نٿي چاهي ته ڳالهيون ٿين ۽ انهي جو ڪو حل نڪري: بيرسٽر گوهر

اسان پنهنجا مطالبا حڪومت جي سامهون رکيا، حڪومت ڳالهين ۾ دير ڪئي

آرمي چيف کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان ملاقات ناهي ٿي، ڪوڙا افواهه ڦهلايا پيا وڃن

17 سيٽن وارن سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪنداسين، حڪومت بيوس آهي: زرتاج گل

اسلام آباد: (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بيرسٽر گوهر علي خان چيو آهي ته حڪومت نٿي چاهي ته ڳالهيون ٿين ۽ انهي جو ڪو حل نڪري. اسلام آباد ۾ عدالت ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي بيرسٽر گوهر چيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

سانگهڙ ۾ ٽن ڄڻن جي قتل جي سنڌ سرڪار ذميوار آهي: اياز لطيف پليجو

مقتولن جو قتل ڪيس هن وقت تائين داخل نه ٿيڻ سنڌي ريت ناجائزي آهي

وزيرن، ايم اين ايز، ايم پي ايز، سردارن ۽ وڏيرن کي سنڌن ضلعا ۽ تعلقا ورهائي رياستون بنائي ڏنا ويا آهن

سانگهڙ واقعو لاقانونيت ۽ پيپلزپارٽي جي عوام دشمني جو بدترين مثال آهي: ڪيواي ٽي سربراهه

حيدرآباد (فريد شيخ) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي سانگهڙ ۾ 3 ماڻهن /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

قومي اسيمبلي جي واپار بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس، يورپي يونين جي اعتراضن وارو معاملو بحث هيٺ آيو

پاڪستان مان يورپي يونين کي ايڪسپورٽ ڪيل چانور غير معياري هجڻ جو انڪشاف

يورپي يونين اسان کي 100 کان وڌيڪ الرٽس موڪليا آهن، چانورن بابت شڪايت ٿي آهي: مرزا اختيار بيگ

صوبن سان گڏجي چانورن جي معيار بابت ڪم ڪري رهيا آهيون، ان حوالي سان گڏجاڻيون ڪيون آهن: واپار واري وزارت

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان مان يورپي يونين کي غير معياري ۽ جعلي چانور برآمد ڪرڻ جو/ڏسو صفحو 3 بقايا 39

ايس ٽي پي پاران ڌاڙيل راڄ ۽ سنڌ دشمن منصوبن خلاف احتجاجي ريلي، جلسو، وڏي انگ ڪارڪن پهتا

درياهه سنڌ واسين جو ساهه آهي، قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين، عوام کي سجاڳ ٿيڻو پوندو: قادر مگسي

هڪ پاسي سنڌين کان زمين کسي پئي وڃي ته ٻئي پاسي درياهه کي سڪائڻ لاءِ ڪئنال جوڙيا پيا وڃن

سازش جي تحت ڪنڌڪوٽ ۽ ڪشمور ۾ ڌاڙيل راڄ کي هٿي ڏني وئي آهي: ايس ٽي پي چيئرمين

سنڌو تي ڌاڙو هڻي درياهه مان ڪئنال ڪڍيا پيا وڃن جيڪو عمل سنڌ دشمني آهي: اڳواڻن جو خطاب

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪشمور ايس/ڏسو صفحو 3 بقايا 40

روهڙي واسي پاران گهرو پريشانين کان تنگ ٿي خودڪشي جي ڪوشش

روهڙي (رپورٽر) روهڙي جي علائقي نيويارڊ ڪرسچن ڪالوني/ڏسو صفحو 3 بقايا 41

سجاول جي صحافين پاران حڪومتي خبرن جي بائيڪاٽ جو اعلان

ٺٽي پريس ڪلب جو گڏيل اجلاس، هڪ هڪ لک امدادي چيڪ نه وٺبو: قلم ڏٽي

اطلاعات کاتو ناانصافي ڪري رهيو آهي، خبرون جاري نه ڪيون وينديون: اجلاس ۾ فيصلو

سجاول (رپورٽر) سجاول ۽ ٺٽي پريس ڪلبن پاڻ ۾ اتحاد /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

ڪنڌڪوٽ: ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ جي زراعت تباهه ٿيندي، فيصلو واپس ورتو وڃي: قادر بخش ڪلمتي

حڪومت جي آشيرواد سان ملير ۾ ڌرتي ڌڻين جي زمينن تي مختلف رهائشي اسڪيمن جي مد ۾ وار شروع ٿي پئي

سنڌ تهذيب، تمدن ۽ ثقافت سان مالا مال صوبو آهي، سنڌ جي تهذيب مصر کان به پراڻي آهي: ن ليگ اڳواڻ

دلبر بروهي ملير جو بهترين ليکڪ سان گڏ سٺو انسان آهي، هن تاريخ لکي سٺو ڪم ڪيو آهي: صحافين سان ڳالهيون

ملير (ڊ ر) سنڌ جي تهذيب پراڻي آهي، دلبر بروهي سنڌ ۽ هند جي تاريخ لکي وڏو ڪم ڪيو آهي، ڪتاب پڙهڻ سان نوجوانن ۾ اتساهه پيدا ٿيندو/ڏسو صفحو 3 بقايا 43

ڪي اين شاهه پرسان وين ڪلٽي، 17 مسافر سخت زخمي

ڳوٺ مراد ڪوسو وٽ ميهڙ کان دادو ويندڙ وين سان حادثو پيش آيو

زخمين ۾ معصوم ٻارڙن سميت بزرگ مرد ۽ عورتون پڻ شامل آهن

خيرپور ناٿن شاهه (قربان علي ٻگهيو) خيرپور ناٿن شاهه انڊس هاءِ وي تي ڳوٺ مراد ڪوسو سامهون مسافر وين ڪلٽي ٿي پئي آهي، جنهن جي نتيجي/ڏسو صفحو 3 بقايا 44

ڪي اين شاهه: ڪلٽي ٿيل وين مان مسافرن کي ريسڪيو ڪيو پيو وڃي

مانجهند ويجهو ڪار ۽ ڪوچ ۾ ٽڪر، ٻن ڀائرن سميت 5 ڄڻا فوت، هڪ زخمي

انڊس هاءِ وي تي مسافر ڪوچ ۽ ڪار ۾ ٽڪر ٿي پيو، حادثي ۾ ٽن ڄڻن تڏي تي دم ڏنو، ٽي زخمي ٿيا

فوتين جا مڙهه ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ٻه زخمي زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويا

فوتين ۾ شوڪت جتوئي، عيدن جتوئي، وارث، عزيز، نور علي ۽ زخمي علي دوست جتوئي شامل

مڙهه باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ سونو جتوئي ۽ ڳوٺ فيض محمد جتوئي آڻڻ تي ڪهرام مچي ويو

ڄامشورو/باقراڻي (نمائندن وٽان) مانجهند پرسان انڊس /ڏسو صفحو 3 بقايا 45

باقراڻي: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوانن جون تصويرون، ٻي پاسي تباهه ٿيل ڪار

سکر جي نئين ايس ايس پي اظهر خان مغل عهدي جي چارج سنڀالي ورتي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ نئين مقرر ٿيل ايس ايس پي اظهر خان مغل عهدي جي چارج سنڀالي ورتي/ڏسو صفحو 3 بقايا 46

پريس ڪلب اوڏيرولال جي نئين باڊي چونڊجي وئي، پيڪا قانون آزاد صحافت تي حملو قرار

اوڏيرولال (رپورٽر) پريس ڪلب اوڏيرولال جي ساليانى چونڊ /ڏسو صفحو 3 بقايا 47

ABC CERTIFIED
سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
Daily PAK Karachi
روزاني پاڪ ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي۔ فون نمبر:3۔35655872۔021 فيڪس نمبر:021۔35655874
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net



اسڪولن ۾ هڪ ويلو ماني مفت فراهم ڪئي ويندي

سنڌ حڪومت خوراڪ جي عالمي اداري (WFP)سان گڏجي سنڌ سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارن کي منجهند جو هڪ ويلو مفت ماني ڏيڻ جو پروگرام شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه ۽ ورلڊ فوڊ پروگرام (WFP)جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ڪوڪو اوشي ياما (Ms.Coco Ushiyama)وچ ۾ ٿيندڙ ملاقات دوران سرڪاري اسڪولن جي ٻارڙن ۾ غذائيت جي کوٽ ۽ خوراڪ سان لاڳاپيل مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي ڪراچي آفيس ٿيندڙ ملاقات ۾ اسڪول ايجوڪيشن سيڪريٽري زاهد علي عباسي ۽ ٻين عملدارن به شرڪت ڪئي. ان موقعي تي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه چيو ته گهريلو وسيلن جي کوٽ ۽ وڌندڙ آبادي سبب ڪيترائي والدين پنهنجن ٻارن کي مناسب خوراڪ مهيا ڪرڻ کان قاصر آهن. جنهن جو اثر سندن ٻارڙن جي سکيا جي صلاحيت تي پوي پڻ ٿو. هن وڌيڪ چيو ته هيءُ پروگرام خاص طور تي انهن علائقن ۾ شروع ڪرڻ چاهيون ٿا، جتي غربت وڌيڪ آهي ۽ ٻارڙا غذائي جي کوٽ جو شڪار آهن. تعليم واري وزير وڌيڪ وضاحت ڪندي چيو ته سرڪاري اسڪولن ۾ باقاعده کاڌي جي فراهمي سان نه صرف اسڪول ڇڏڻ جي شرح گهٽبي، پر حاضري ۾ به سڌارو ايندو. ان کان علاوه، جيڪي خاندان پنهنجن ٻارن کي محنت مزدوري لاءِ موڪلڻ تي مجبور آهن، اهي به پنهنجن ٻارڙن کي اسڪول موڪلڻ تي ترجيح ڏيندا. ان موقعي تي WFPجي ڪنٽري ڊائريڪٽر ڪوڪو اوشي ياما به پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته متوازن خوراڪ ٻارن جي ذهني واڌ ويجهه ۽ ياداشت کي بهتر بڻائي ٿي، جنهن سان سندن سکيا جي صلاحيت وڌي ٿي. هن وڌيڪ چيو ته اسڪول ۾ هڪ ويلو بهتر کاڌو ملڻ سان ٻارن جي مدافعتي نظام بهتر ڪرڻ ۾ هٿي ملندي جنهن سان هو مختلف بيمارين کان پڻ محفوظ رهي سگهندا. صوبائي وزير سردار علي شاهه پروگرام شروع ڪرڻ لاءِ معياري کاڌي جي فراهمي تي زور ڏيندي چيو ته معياري غذا کي يقيني بڻائڻ هن پروگرام جي پهرين ترجيح هجڻ گهرجي. اجلاس ۾ اسڪولن ۾ خوراڪ جي فراهمي جي فيصلي موجب ٻڌايو ويو ته پروگرام جو پهريون مرحلو ڪراچي جي ملير ضلعي مان شروع ڪيو ويندو. جتي اسڪولن ۽ پرپاسي جي علائقن جو بنيادي سروي پڻ ڪيو ويندو. هن منصوبي جي شروعاتي مرحلي ۾ 11,000 ٻارن کي "هاٽ ميل لنچ بڪس" فراهم ڪيا ويندا. پروگرام جي پهريون سال پورو ٿيڻ بابت نتيجن ۽ اڳڀرائي جي بنياد تي ان کي ٻين شهرن جي سرڪاري اسڪولن تائين به وڌايو ويندو. گڏوگڏ اسڪولن ۾ خوراڪ جي فراهمي واري نظام کي اثرائتي طريقي سان مانيٽرنگ به ڪئي ويندي ته جيئن کاڌي جي معيار ۽ غذائي قدرن کي يقيني بڻائي سگهجي. ان موقعي تي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه، WFPجي ڪنٽري ڊائريڪٽر کي چيو ته کاڌي جي معيار کي برقرار رکڻ لاءِ هڪ مؤثر ميڪينزم تيار ڪيو وڃي، ته جيئن ٻارن جي غذائيت ۽ صحت جي بهتري لاءِ جوڙيل هي پروگرام لاڀائتو ثابت ٿي سگهي. هوڏانهن صوبائي وزير توانائي ۽ منصوبابندي ۽ ترقي سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته صوبائي حڪومت ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ فوسل فيول جي استعمال کي گهٽ ڪرڻ لاءِ اليڪٽرڪ گاڏين ۽ اي وي چارجنگ اسٽيشن متعارف ڪرائڻ لاءِ ملڪ ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ جا خواهشمند نجي سيڪٽر جي مڪمل مدد ڪندي. وزير توانائي اها ڳالهه اربع ڏينهن اي ڊي ايم گروپ جي سي اي او ياسر ڀمباڻي سان ملاقات ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪئي، جن جو سنڌ ۽ ملڪ جي ٻين حصن ۾ اليڪٽرڪ گاڏين ۽ اي وي چارجنگ اسٽيشنز شروع ڪرڻ جو منصوبو آهي. ناصر حسين شاهه صحافين کي ٻڌايو ته پاڪستان جي تيل جي درآمدي بل کي گهٽ ڪرڻ ۽ ماحولياتي تحفظ لاءِ ٽرانسپورٽ واري شعبي کي ممڪن حد تائين فوسل فيول کان هٽائڻ ضروري آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت پنهنجي ڪامياب پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊل کي استعمال ڪندي، شهرن ۽ اهم شاهراهن تي اي وي چارجنگ اسٽيشنز جي قيام لاءِ مناسب جاءِ ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪندي. هن وڌيڪ چيو ته صوبائي اختيارين کي مڪمل ادراڪ آهي ته اي وي چارجنگ جي سهولتون نه رڳو ڪراچي جي سڀني حصن ۾ دستياب هجن، پر اهم شاهراهن ۽ موٽرويز تي به انٽر سٽي سفر لاءِ موجود هجن. هن وضاحت ڪئي ته سنڌ ۾ اليڪٽرڪ گاڏين، اليڪٽرڪ بائيڪ، اليڪٽرڪ ٽيڪسي ۽ بسن جي واڌاري ۽ انهن جي چارجنگ جي سهولتن جو قيام، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري طرفان ماحولياتي تبديلين سان مؤثر نموني منهن ڏيڻ لاءِ ڏنل هدايتن جي عين مطابق آهي. هن چيو ته ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۽ سنڌ لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ نجي سيڪٽر جي سيڙپڪارن جي مڪمل مدد ڪري سگهن ٿا، جيڪي اهم شهرن ۾ مناسب هنڌن تي اي وي چارجنگ اسٽيشنز قائم ڪرڻ چاهين ٿا.

خميس 30 جنوري 2025ع بمطابق 29 رجب المرجب 1446ھ

قرض کڻڻ تي جشن ملهائڻ ؟!

ايف اي گهانگهرو

قرض هڪ مرض آهي،جيڪڏهن مرض جوجلد علاج نه ٿئي ته اهو ناسور بڻجي ويندو آهي اها چوڻي مشهور آهي، يقينن اها چوڻي سئو فيصد سچ آهي،ممڪن آهي اهڙو ناپسند عمل اسان ۽ اوهان وٽان به گذريو هجي، پاڪستان ۾ جڏهن به ڪا نئين حڪومت آءِ ايم ايف يا ورلڊ بئنڪ کان قرض وٺندي آهي ته ان تي پنهنجي ڪاميابي جون خوشيون ملهائيندي آهي،حڪومت پاران جشن ملهائڻ جوعمل ملڪ جي وسيع تر سماجي، معاشي ۽ سياسي حوالي سان ڪنهن حد تائين جائز سمجهيو وڃي ٿو پر حيرت ان وقت ٿيندي آهي جڏهن اسان جوابوجهه عوام به ان عمل ۾ حصو وٺندو آهي ۽ تاثر ڏنو ويندو آهي ته هن قرض جو ملي وڃڻ تمام وڏو ڪارنامون آهي، اها قومي ڪاميابي آهي. ٽئين دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ نئين حڪومت قائم ٿيڻ جوفوري مسئلو قرض جي واپسي هوندوآهي. قرض وٺڻ جو مطلب ادائگي جي توازن جي بحران يا وقت تي ادائگي کان رهجڻ (Default)هوندو آهي. ڪنهن به ملڪ لاءِ تمام گهڻو دارومدار ضروري سامان جي درآمد تي آهي جهڙوڪ تيل، کاڌو،مشينري قرض واري معيشت کي برقرار رکڻ ۽ پرڏيهي متاستا فراهم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو ٽين دنيا جي ملڪن لاءِ جيڪي ڪمزور معيشتون آهن. اهي قرض معيشت کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ زندگي جي رستي جو ڪم ڪنديون آهن.اهي ڪرنسي جي قدر ۾ گهٽتائي يا سپلائي چين جي رڪاوٽن جي خطرن کي فوري طور گهٽائين ٿيون. بين الاقوامي مالياتي ادارن پاران قرض جي منظوري جو مطلب انهن ادارن جي پاران قرض وٺندڙ ملڪ جي اقتصادي پاليسين جي منظوري سمجهيو ويندو آهي. بين الاقوامي مالياتي ادارن مان ملندڙ قرض سيڙپڪارن ۽ واپاري پائيوارن جي وچ ۾ اعتماد بحال ڪري ٿو ان ڪري حڪومتون انهن قرضن جا معاهدا ڪن ٿيون هوان کي پنهنجي ڪاميابي طور پيش ڪن ٿيون ۽ ان مان عوامي حمايت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. اهي قرض حڪومتن پاران سبسڊي ادا ڪرڻ، سرڪاري شعبي جي تنخواه ادا ڪرڻ ۽ سماجي ڀلائي جي پروگرامن کي فنڊ جاري رکڻ لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن. تنهن ڪري اهي قرض پروگرام حڪومت لاءِ ضروري آهن ته جيئن عوام جي حمايت کي برقرار رکي سگهجي.

مستقبل لاءِ پراميد ڪيترائي ماڻهو قرض کي ڪاروبار کي بحال ڪرڻ ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي کي بهتر بڻائڻ لاءِ قرضن کي بهتر موقعو پائين ٿا..انهن کي اميد هوندي آهي ته اهي قرض بنيادي ڍانچي جي منصوبن، نوڪرين پيدا ٿيڻ يا قرض جي بحالي لاءِ استعمال ڪيا ويندا. جيڪڏهن عوام قرض وٺڻ جي جشن ۾ حڪومت سان شامل ٿئي ٿو ته اهو عوام انهن قرضن جي شرطن کان بي خبر آهي، ڇاڪاڻ ته اهي قرض اڪثر ڪري عوامي مفادن سان ٽڪراءَ ۾ هوندا آهن ان جو مطلب اهو به آهي ته ڪيترائي عام شهري انهن قرضن ۾ جڪڙيل آهن. ٽيڪسن ۾ واڌ يا سبسڊي ختم ڪرڻ کان بي خبر آهن اهي جلد رقم جي ملڻ ۽ امڪاني فائدن تي وڌيڪ ڌيان ڏيندا آهن بين الاقوامي مالياتي ادارن پاران ڏنل قرضن جي شرطن ۾ اڪثر ڪري ڳرا شرط شامل هوندا آهن جيڪي بيروزگاري جي شرح ۾ اضافي،ضروري سامان ۽ ضروري خدمتن جي ڳرين قيمتن جو سبب بڻجن ٿا.قرضن سان ملڪ جي قرضن جي بار ۾ اضافو ٿئي ٿو جنهن کي ادا ڪرڻ هڪ وڏو چئلينج بڻجي ويندو آهي. ترقياتي خرچن لاءِ ٿوري گنجائش ڇڏي پرڏيهي قرضن تي دارومدار اڪثر ڪري معاشي خودمختياري جي نقصان جو سبب بڻجندو آهي ڇو ته قرض ڏيڻ وارا بين الاقوامي مالياتي ادارا قرض ڏيندڙ ملڪ جي معاشي پاليسين کي انهن جي مطالبن مطابق ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اسان جي حڪومتن کي قرضن جي وصولي جو جشن ملهائڻ بدران اسان جي پنهنجي ذهنيت کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. رڳو قرضن تي ڀروسو ڪرڻ بدران حڪومتن کي گهرجي ته هو برآمدات کي هٿي وٺرائڻ، ٽيڪس گڏ ڪرڻ کي وڌائڻ، بدعنواني کي گهٽائڻ ۽ پيداواري شعبن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ تي ڌيان ڏين ته جيئن قرض تي دارومدار کي گهٽايو وڃي، اهڙي طرح، قرض جي موثر ۽ شفاف استعمال کي يقيني بڻائڻ سان عوام جو اعتماد بحال ٿي سگهي ٿوجنهن سان ڊگهي مدي وارا معاشي فائدا ملي سگهن ٿا.

ترقي پذير دنيا ۾ مالي بحرانن کي منهن ڏيڻ ۾ ورلڊ بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف جو ڪردار اڪثر بحث جو موضوع رهيو آهي، تنقيد ڪندڙن جو دليل آهي ته اهي ادارا حقيقي طور تي معيشت کي مستحڪم ڪرڻ ۽ غربت کي گهٽائڻ چاهيندا آهن پر شرط لاڳو ڪن ٿا جيڪي اڻبرابري کي وڌائي ۽ خودمختياري کي نقصان پهچائن ٿا. IMF۽ ورلڊ بئنڪ اڪثر ڪري سخت شرطن سان قرض فراهم ڪندا آهن جن کي اڪثر structural adjustment programs ڪري سڏيو ويندو آهي.جيسٽائين متبادل بندوبست جي ڳالهه آهي حڪومتن کي عوامي خرچن کي وڌائڻ جي ضرورت آهي، خاص طور تي ضروري خدمتون جهڙوڪ تعليم، صحت ۽ انفراسٽرڪچر تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. حڪومتون اڪثر ڪري قومي اثاثن کي غير ملڪي ڪارپوريشنن کي گهٽ قيمتن تي وڪرو ڪنديون آهن. جنهن سان اهم صنعتن تي مقامي ڪنٽرول گهٽجي وڃي ٿو ان جو حل ڪڍڻ نهايت ئي ضروري آهي. قرض ڏيڻ وارا مالي ادارا قرض ڏيڻ واري ملڪ جي معاشي پاليسين کي پنهنجي سخت شرطن ذريعي ترتيب ڏين ٿا، ان ڪري قومي فيصلا سا ۾ ملڪ جي خودمختياري کي گهٽائي ٿو ان جي نتيجي ۾ وڌندڙ سماجي بدامني ۽ پرڏيهي امداد تي ڊگهي مدت جي انحصار ۾ اضافو ٿيو. ترقي پذير ملڪ اڪثر ڪري مالي بحران مان نڪرڻ لاءِ قرض وٺندا آهن. پر سود جي بلند شرح ۽ واپسي جي سخت شرطن جي ڪري اهي قرض وقت تي واپس نه ڪري سگهندا آهن جنهن ڪري قرض جو ختم نه ٿيڻ وارو سلسلو جاري رهي ٿو ان ڪان پوءِ سمورا وسيلا قرض جي واپسي لاءِ وقف ٿي وڃن ٿا. انهن ادارن پاران تجويز ڪيل معاشي سڌارا ملٽي نيشنل ڪارپوريشنز ۽ اشرافيه جي حق ۾ آهن. جيڪي غريب کي وڌيڪ غريب بڻائي رهيا آهن. قرضن تي پاڙيندڙ ملڪن جا صنعتي ۽ زرعي شعبا ترقي يافته ملڪن جي صنعتي ۽ زرعي شعبن سان مقابلو ڪرڻ جي طاقت وڃائي ويهندا آهن. جنهن ڪري بيروزگاري ۽ غربت ۾ واڌارو اچي ويندو آهي. 1990ع جي ڏهاڪي جي آخر ۾ جڏهن ايشيا جا اڪثر ملڪ مالي بحرانن جو شڪار ٿيا ته انهن ملڪن جا مالياتي وسيلا انهن تي خرچ ڪرڻ بجاءِ بين الاقوامي مالياتي ادارن جي قرضن جي ادائگين تي خرچ ڪرڻ مجبور ٿي ويا هئا.انهن ملڪن پاران IMFتي سخت تنقيد ڪئي وئي جيڪا گهڻو ڪري جائز هئي. آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ڪيترن ئي ملڪن کي اُن قسم جي صورتحال کي منهن ڏيڻو پيو.تنقيد ڪندڙ انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي قدمن جي تجويز ڏين ٿا جن ۾ قرض جي شرطن تي نظرثاني، ڊگهي مدي جي ترقي کي ترجيح ڏيڻ ۽ مختصر مدت جي مالياتي مقصدن تي غربت ۾ گهٽتائي شامل آهن. قرضن ڪان علاوه اهو پڻ ضروري آهي ته اهڙين پاليسين جي حوصلا افزائي ڪن جيڪي مقامي ڪاروبار کي بااختيار بڻائڻ ۽ اڻبرابري کي گهٽائڻ ۾ اهم هجن. قرض جي حوالي سان حڪومتون عوام کي غلط تسليون ڏيڻ ۽ قرضن جي حصول جو جشن ملهائڻ جي بجاءِ غربت جي خاتمي لاءِ هڪ انصاف واري انداز ۾ حصو وٺندڙ فيصلائتي ۽ حقيقي عزم جي ضرورت آهي ان بعد ئي حڪومت عوام جو اعتماد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهندي.. farooque.ganghro@gmail.com

اين جي اوز جي فنڊنگ ۽ سول ڪردار

اعجاز ممنائي

غير سرڪاري تنظيمون (اين جي اوز) عام طور تي غير منافع بخش خدمت ڪندڙ آهن. اسان وٽ وڏيون ۽ ننڍيون ڪيٽريون ٿي اين جي اوز ڪم ڪري رهيون آهن. جڏهن ته سرڪار سڌو سنئون پاڻ ڪم ڪرڻ کان لنوائيندي رهي ٿي اسان جي ملڪ کي آزاد ٿئي 78 هون سال پيو هلي ان سڄي وقت جو جائزو وٺجي ته بدقسمتيءَ سان اسان هزارين وسيلن هوندي پنهنجي پيرن تي به بيهي نه سگهيا آهيون ۽ هر حڪومت اقتدار تي ويهندي ئي خزاني خالي هجڻ جون دانهون ڪندي نظر ايندي آهي ۽ حڪمران پوري دنيا کي مدد ڪرڻ جي اپيل ڪندا رهيا آهن خاص طور تي آئي ايم ايف، ورلڊ بئنڪ سميت پوري دنيا جي سمورن ملڪن جا قرضي بڻيل آهيون ۽ انهن جي چوڻ تي ملڪ جو ڪاروهنوار هلايون ٿاهن وقت اهڙي صورتحال بڻجي ويئي آهي جو پنهنجا هلندڙ ادارا ڪوڪلا بڻائي ڪپائڻ لڳا آهيون بي آئي اي، اسٽيل ملز اسپتالن ۽ واپڊا ڪانپوءِ تعليم جي وڪري جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن ائين هر فلڊ ۾ ڪنهن نه ڪنهن غيرملڪي اين اوز کي مدد جي اپيل ڪندا آهيون ۽ ائين محسوس ٿيندو آهي ته ڄڻ هي ملڪ اين جي اوز جو آهي اين جي اوزجي ڏاڙيلن کي آخر ڪير روڪيندو؟

سنڌ ۾ 2010ع واري ٻوڏ اين جي اوز وارن لاءِ رحمت ٿي وسي ماڻهو دربدر هٿا پر اين جي او وارن جي خدا ٻڌي، سپ ايڏي ٿي پيا، اڳم انهن لاءِ فنڊ وٺڻ ڊونر جي اکيون ٻجيٽ ڪرڻ ڏکيو ڪم هو پوءِ ڊونر پاڻ در تي اچي ويا، اهڙا موقعا سنڌ جي ڊنڌوڙي ۽ جڳاڙي اديبن، دانشورن، شاعرن، ماسترن،صحافين، سول سوسائٽي ۽ نام نهاد سماج سڌارڪن ڳهريا پئي ته جيئن آفتون اچن ۽ هو پنهنجون خداداد لڪل صلاحيتون ڏيکاري سگهن. سڄي سنڌ جي غريب ماڻهن کي مدد جي نالي پنڻ تي هيرائي ڇڏيو.جن جڳاڙين کي گهر ۾ مانيءَ ٽڪر نه پئي ملندو اهي به ڳڪ پتي مان ڪروڙ پتي ٿي ويا، گاڏيون بنگلا بئنڪ بيلنس ۽ ٻه ٻه شاديون، يورپ ۽ عالمي دورا خبر نه آهي ڇاڇا؟ ڪين ملندڙ ڪروڙين اربين روپين مان ڪم صرف ڏهه سيڪڙو يا صرف ڪاغذن ۾ هوندو. اخلاقي ڪرپشن جوته ڪو مثال نه آهي، عوام جي حالت ته ڪانه بدلي آهي پر هنن ٺينگن ۽ ڊنڌوڙين جي گهر جا حالات ضرور بدليا آهن سنڌ جي هن سفيد پوش ۽ مقدس عالي ڏاڙيل مخلوق جو احتساب آخر ڪير ڪندو؟ هاڻ ته هي مهذب چور سماج سڌارڻ لاءِ ٽي وي چينلن اخباري ڪالمن،ڪنسلٽنسي سيمينارن ۽ ڪانفرنسز ذريعي سرڪار کي سڌارا آڻڻ لاءِ صلاحون ڏين ٿا شايد سرڪار هنن ذريعي سنڌ ۾ تبديلي به آڻي پيپلز پارٽي سرڪار جي مهرباني سان اين جي اوز ۽ پرتيون به هٿائي سفارش ۽ پئسن تي ٽيئنديون ملڪ جي حڪمرانن ملڪ ۾ نيون صنعتون لڳائڻ بدران پرائيون صنعتون بند ڪري بي روزگاري ۾ اضافو ڪيو پيو وڃي ان سان گڏ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن کي نوڪريون وڪڻڻ جي منڊي بڻايو ويو آهي، سرڪاري نوڪرين جي منڊي سان گڏ هاٽي پيش خدمت آهي، اين جي اوز ۾ نوڪرين جي منڊي برطانيا ملڪ رياض جي داخلا تي بندش لڳائي ڇڏي آهي، ملڪ رياض برطانيا نئون وڃي سگهي ڇاڪاڻ ته برطانيا جو موقف آهي ته ملڪ رياض برطانوي آفيسرن کي ڳري رشوت ڏئي پنهنجا ناجائز ڪم وٺي برطانيا جو ماحول خراب ڪري رهيو آهي سنڌ اندر پيپلز پارٽي به اين جي اوز جو ماحول خراب ڪري ڇڏيو آهي ۽ سنڌ ۾ سرڪاري ادارن جيان اين جي اوزجي به رڳ رڳ ۾ ڪرپشن ۽ پنهنجا نوازي جي بيماري ڏئي ڇڏي آهي.

2022ع واري مها ٻوڏ ۾ اين جي اوز جو ڪردار نهايت اهميت جوڳو رهيو جڏهن ته حڪمران مٽي ڪي ۽ وهاڻا ڏيئي سمهي پيا ائين اهو سلسلو اڄان به جيئن جو تيئن جاري آهي انهن ۾ آمريڪا چين ايران ۽ ٻين ملڪن سان مفاهمت وارا ڳهرا ناتا رهيا آهن ۽ وقت بوقت انهن ۾ اضافو ٿيندو رهيو آهي جن معاشي ۽ سماجي ترقي کي هٿي وٺرائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. هن وقت به سنڌ جي هر ضلعي اندر ڪيٽريون ٿي اين جي اوز ڪم ڪن پيون جيڪي يو ايس ايڊ، يونيسيف ۽ ٻين غيرملڪي ادارن کان فنڊنگ وٺي غريب ماڻهن جي نالن کي استعمال ڪري اهو فنڊ هڙپ ڪري رهيون آهن .اهي اين جي اوز تنظيمون صحت کاتي اندر ايچ آئي وي (ايڊز) هيپاٽائيٽس،ٻارن ۾ خوراڪ جي ڪمي کي ڪنٽرول ڪرڻ جي نالي تي اڃا فنڊنگ هڙپ ڪري رهيون آهن ۽ انهن جا موبلائيزر (سپروائيزر) مختلف ڳوٺن ۾ وڃي سرڪاري اسڪولن ۾ شاگردن جي ڊيٽا وٺن ٿا ۽ پاڻ کي پوليو ورڪر يا هيلٿ ڊپارٽمينٽ جو ملازم ڄاڻائي معلومات وٺي انهن جي نالن تي ،آيل دوائون، خوراڪ ۽ ٻيو سامان ڄاڻائي بچيت ڪائن ٿا جڏهن ته 2022ع ۾ آيل شديد فلڊ ڪانپوءِ ڪيترين ٿي اين جي اوز گهر سروي شروع ڪئي جڏهن سرڪار پنهنجي نموني ڪم ڪرڻ شروع ڪيو پر ٽي سال عرصو گذرڻ باوجود ڪيترن ٿي ديس واسين جا اڃا تائين گهر نه ٺهي سگهيا آهن ذريعن مان اهو به معلوم آهي ان ڪم ۾ ڪيترائي گهپلا ٿيا آهن جنهنڪري سندن اڪائونٽ به سيز ڪيا ويا آهن جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ اڃا ڪم جاري آهي جيڪڏهن اين جي اوز کي فنڊ نه ملندا ته اهي ڪم ڪيئن ڪري سگهندا

تازو هڪ خبر آئي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي حلف کڻڻ کانپوءِ جاري ڪيل حڪمن تي عمل ڪندي سڄي دنيا ۾ غيرسرڪاري تنظيمن ۽ انساني حقن لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن کي مالي مدد ڪندڙ آمريڪي ڊونر ادارن پنهنجي فنڊنگ بند ڪري ڇڏي آهي. جنهنڪري پاڪستان سميت دنيا جي سمورن ملڪن ۾ انهن ادارن جي فنڊنگ سان هلندڙ سماجي ڪم ۽ انساني حقن جي جاڳرتا وارا پروگرام في الحال رولڙي جو شڪار ٿي ويا آهن. ذريعن جو چوڻ هو ته پاڪستان ۾ پڻ ڪيترن ئي ادارن جي فنڊنگ روڪي وئي آهي. جنهن سبب انهن ادارن جا انساني حقن اقليتن جي حقن ۽ عورتن جي حقن سان لاڳاپيل پروجيڪٽ معطل ٿي ويا آهن ۽ هزارين سماجي ڪارڪن بيروزگار ٿيڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي.

بقايا 01

دانهيندي بدرالدين سولنگي راشد علي ياسين سولنگي ۽ ٻين ٻڌايو ته RDBطرفان منظور ٿيل روڊ ۾ ديوان ٺيڪيدار رات جي اونداهيءَ ۾ مزدا تي ڪاري تيل جا ٻرم پرائي روڊ مٿان وڇائي صبح سوير ليبر وٺي هليو ويو هنن وڌيڪ ٻڌايو ته اسان منشيءَ آڏو سخت احتجاج ڪيو ۽ ٻامر وجهڻ بدران ڪارو تيل وجهي ڇڏيو آهي جنهن تي اسان کي منشيءَ سخت لهجي ۾ ڳالهايو ۽ چيو ته ڀلي ايم اين اي يا ايم پي اي سميت ڀلي بالا آفيسرن کي شڪايت ڪيو اسانجو ٻل روڪرائي ڇڏيو هنن حد جي ايم اين اي سيد ابرار علي شاهه کان ۽ آر ڊي بي جي بالا آفيسرن کان گهر ڪئي ته ٺيڪيدار خلاف سخت قدم کڻي انڪوائري ڪرائي اسان کي ٻيهر روڊ جي مرمت ڪرائي ڏني وڃي.

بقايا 02

ته سانگهڙ ۾ قتل ٿيندڙ ڳوٺاڻن جي وارثن جي مرضيءَ مطابق ايف آئي آر داخل نه ٿيڻ خلاف جاري احتجاج سنڌ حڪومت جي لاءِ شرم ڏياريندڙ آهي، وارثن کي پنهنجي مرضي مطابق ايف آئي آر داخل ڪرائڻ جو قانوني حق آهي پر جمهوريت جي دعويدار حڪمرانن قانون کي پاسي تي رکي خود تماشائي بڻيل آهي. جيڪو نه صرف سندن بي حسي کي ظاهر ڪري ٿي. پر قانون ۽ جمهوريت سان مذاق آهي جيڪو بند ٿيڻ گهرجي.

بقايا 03

پ ٽ الف انقلابي سٽ جي اڳواڻن غلام الله سانگي، افسر قريشي ۽ ٻين کي پرائمري استادن جا ٽائيم اسڪيلز جي آرڊرز ڪاپيز ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن اسڪولس پرائمري ريجن لاڙڪاڻو خليل احمد مهر ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري لاڙڪاڻو انيس الرحمان جلباڻي ڏنا، هوڏانهن ڊي ايس اي پرائمري آرڊر نمبر 216 موجب نعمت الله ولد غلام قادر، همت علي ولد گل حسن، مهتاب زهري بنت عبدالڪريم، محمود بنت احمد خان بروهي، انور علي ولد محمد صديق ميمڻ، عبدالغني ولد امام بخش جي 14 مان 16 ٽائيم اسڪيل جا آرڊر ڪرايا ويا.

بقايا 04

زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو. ان موقعي تي پيرسن غلام سرور چانڊيو دانهيندي چيو ته منهنجي رسول آباد پاڙي ۾ 2100 چورس فوٽ رهائشي جڳهه آهي جنهن جا ڪاغذ منهنجي نالي تي آهي ان جڳهه جا ڪاغذ سال 2019ع ۾ پنهنجي ويجهي رٽائرڊ پرائمري ماسٽر ميهر ڪلهوڙو ڏئي ڳروي رکي ٻن سالن جي مدي لاءِ ساڍا 3 لک روپيه ورتا جنهن کي مان ورتل پئسا ڏيڻ لاءِ تيار آهيان پر ان جي باوجود ميهر ڪلهوڙو پنهنجي پٽ امداد ڪلهوڙو سان گڏجي زبردستي منهنجي جڳهه تي قبضو ڪري مون کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهن

بقايا 05

ڪاميٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر خليل سڪندر ڪونهارو اي سي ٽوڙي مختيارڪار جي بي ڌياني جو شڪار هي شهر جيڪو به دفعا ٻڏي چڪو آهي ان ۾ چوريون ڦرون روڊ جو معمول بڻيل آهن پوليس منشيات ۽ جوا جي اڏن تان ڀتا وٺڻ ۾ مصروف آهي روڊ رستا تباهه آهن شهر ۾ روشنائي صفائي جو فقدان آهي شهر ۾ سرعام جانور ذبح ٿيڻ لڳا آهن ويٽنري ڊاڪٽر ٽوڙي عملو غائب آهي شهري مئل جانورن جو گوشت کائڻ تي مجبور آهن شهر ۾ مهانگائي جو راڄ آهي واپاري پنهنجي مرضي جا اگهه وصول ڪرڻ لڳا آهن انهن کان ڪير به پڇا ڪرڻ وارو نه آهي شهر ۾ ڪوبه پبلڪ پارڪ نه آهي جڏهن ته نوجوانن جي احتجاج تي وفا نائين شاهي لائبريري تعمير ڪرائي وئي آهي جيڪا تيار آهي صرف نمائندن جي نااهلي سبب هلي نه سگهي آهي شهر جي سڀني هوٽلن تي ڪيميڪل واري کير جي چانهه ملي لڳي آهي حد ته اها آهي جو رات جو پيئڻ وارو کير به ڪيميڪل وارو ملي ٿو جيڪو معصوم ٻارڙن کي پيارو ٿو شهر جي ميڊيڪل اسٽورن تي لاهوري ۽ مدي خارج دوائون وڪرو ٿيڻ لڳيون آهن ۽ اسٽور وارا پنهنجي مرضي جا اگهه وصول ڪري رهيا آهن جن کان ڪير به پڇڻ وارو نه آهي ڊرگ انسپيڪٽر هر مهيني پنهنجي منٿلي وصول ڪندو رهي ٿو جنهن پنهنجو نمائندو مقرر ڪري ڇڏيو ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هن شهر جي مسئلن جي حل لاءِ چونڊيل نمائندا ۽ ڪامورا پنهنجو ڪردار ادا ڪري هن شهيدن جي شهر جي مالڪي ڪن ٻئي صورت ۾ هتان جا شهري احتجاج ۽ بڪ هڙتالون ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندا

بقايا 06

حسيب پنهنجي عملي ۽ رائيپور ايس ايڇ او عبدالجبار ميمڻ جي مدد سان گڏجي رائي پور پراڻي بس اسٽينڊ روڊ، اسٽيشن روڊ ۽ مين قومي شاهراهه واري چوڪ تي وڌيل انڪروچمينٽ خلاف ڪاروائي ڪئي. جنهن دوران هنن ڪيترن دڪانن جا وڌايل ڇپرا ڊاهي پٽ ڪيا ويا. جڏهن ته بيبل ريڙا، دڪانن ٻاهران وڌيڪ جاءِ روڊ تي پيل سامان ڪٺايو ويو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀيرو ڊاڪٽر رانا حسيب صحافين سان مختصر ڳالهه ٻول ڪندي چيو ته رائي پور شهر ۾ حدخلين وڌي ويون آهن. شهرين جي شڪايت تي رائيپور شهر ۾ وڌيل انڪروچمينٽ خلاف ڪاروائي ڪئي آهي. حدخلين جي ڪري شهر ۾ گذرڻ ڏکيو ٿي ويو آهي، ان کي مد نظر رکندي اسان اهڙي ڪاروائي ڪئي آهي.

بقايا 07

پيو، گولي لڳڻ ڪري هڪ ڌر جو نوجوان نواز ولد الله ڏنو ٽيوٽو زخمي ٿي پيو ، اطلاع تي پوليس پهچي زخمي کي علاج لاءِ سول اسپتال دادو پهچايو ، رابطي تي زخمي نوجوان ٻڌايو ته برادري جي صدوري ٽيوٽي وارن سان تڪرار هلندڙ آهي، مان گهر ۾ ويٺو هئس ته اچانڪ صدوري وارن هٿيار سان ڪري حملو ڪري بندوق جو فائر ڪري مونکي زخمي ڪري ڇڏيو، فائرنگ جي آواز ۽ منهنجي دانهن تي پاڙي وارا پهچي ويا، پاڙي وارن کي ڏسي جوابدار فرار ٿي ويا ، ٻئي پاسي رابطي تي ايس ايڇ او رڪڻ محمد پريل پنهور ٻڌايو ته جهيڙي جي اطلاع تي ڳوٺ پهچل چانڊيو پهتاسين ته نوجوان کي ٽنگ ۾ گولي لڳل هئي،اسان زخمي نوجوان کي ليٽر ڏئي سول اسپتال دادو اماڻي ڇڏيو ، جڏهن ته حملو ڪندڙ جوابدار ڳوٺ ڇڏي ڀڄي ويا آهن ،سندن ڳولا جاري آهي ، زخمي نوجوان ايس،ايس،پي دادو کان مطالبو ڪندي چيو ته حملو ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري مونسان انصاف ڪيو وڃي، ٻئي پاسي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪوبه ڪيس وغيره داخل نه آهي ڪرايو ويو

بقايا 08

جنرل سنڌ جون وقتي ذميواريون ڏني ڇڏيون، پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ سيد فيض شاهه سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جسٽس مقرر ٿيڻ کان پوءِ پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ جي جڳهه خالي هئي. جڏهن ته ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ جواد ڊيرو کي وقتي ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ جو عهدو ڏنو ويو آهي، جواد ڊيرو ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ جا فرض سرانجام ڏيندو جيستائين مستقل ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ مقرر نٿو ٿئي، ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ محمد حسن اڪبر به هاڻ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو ايڊيشنل جج مقرر ٿي ويو آهي.

بقايا 09

ٿائين" جو انعقاد ڪيو ويو هن تقريب جو مقصد سڀني اسٽيڪ هولڊرز جهڙوڪ حڪومت، پاليسي ساز، ماهر تعليم، تحقيق ۽ خانگي تنظيمن کي گڏ ڪرڻ هو ته جيئن ڪپهه جي زوال جا اهم چيلينجز جي تجزيو ڪري سگهجن ۽ هن شعبي کي بحال ڪرڻ ۽ ملڪ جي معيشت ۾ ان جو ڪردار وڌائڻ جا رستا واضح ڪري سگهجن. پاڪستان ۾ ڪپهه ۽ ٽيڪسٽائل شعبي جون برآمدات، ويليو ايڊيشن، روزگار ۽ لکين ڳهراڻن جي آمدني جو وڏو محرڪ آهي. ڪانفرنس ۾ سنڌ ۽ بلوچستان کي ڪپهه جي پوک لاءِ اهم صوبن طور ڌيان ڏنو ويو 100 کان وڌيڪ شرڪت ڪندڙن ۾ پارليماني اڳواڻ، ٽيڪنوڪريٽس، ماهر تعليم، سپلاءِ چين ايڪٽرس، ڊونرز، سرڪاري ادارا، تحقيقاتي ادارا، سپلاءِ چين ايڪٽرس، آل پاڪستان ٽيڪسٽائيل ملز ايسوسي ايشن (APTMA)، پاڪستان ڪپهه جننگ ايسوسي ايشن (PCGA)، ٻج سيڪٽر ۽ بهتر ڪپهه پروگرام جا شريڪدار جهڙوڪ WWF، CABI، REEDS، SWRDO ۽ ٻيا شامل هئا. بهتر ڪپهه جي سينيئر ڊائريڪٽر ڊولپمينٽ اينڊ امپيڪٽ، مسٽر آئن گارڊنر ڏينهن جي شروعات ڪئي ۽ سڀني اسٽيڪ هولڊرز جي زور ڏنو ته اهي پنهنجي خيالن ۽ خود احتسابي، کليل ۽ مستقبل جي لحاظ سان هجڻ گهرجي ۽ ٻڌايو ته ڪيئن بهتر ڪپهه ملڪ ۾ پائيدار ڪپهه جي پيداوار جي مهم هلائي رهيو آهي. پارليماني سيڪريٽري، وزارت تجارت، ڊاڪٽر ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي خيالن ۾ چيو ته ڪپهه وفاقي حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ ڪپهه جي بحالي ۽ فصل جي ٻي اي ٽيسٽنگ ۽ ٽريس ايبلٽي لاءِ ايڪسپورٽ ڊولپمينٽ فنڊ جي گرانٽس جي مدد سان پاليسي فريم ورڪس بابت ڳالهه ڪئي. ڊائريڪٽر جنرل، گرين پاڪستان انيشيٽو (GPI)، ميجر جنرل شاهد نذير(ر)، ايڇ آءِ(ايم) ٻڌايو ته ڪيئن GPIايگري مالز تيار ڪري، فصل زوننگ کي فروغ ڏئي ۽ پوک ڪندڙن کي پائيدار پيداوار لاءِ ان پٽس ۽ اوزارن تائين رسائي لاءِ ڪرائي ٿي هن جا شروعات ملڪ جي بنجر زمينن کي فصل پوکڻ جي قابل بڻائي رهيو آهي. هن ممڪن حد تائين ڪيا جن ۾ نئين فصل زون جي سڃاڻپ، پاڪستان سينٽرل ڪپهه ڪميٽي جي تنظيم نو ۽ ان جي وسيلن، ڪپهه جي اشاري قيمت جو اعلان، ڪسانن جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ قدمن ۽ سڀ کان اهم ڳالهه، مقامي ڪپهه جي پيداوار تي 18% سيلز ٽيڪس جو خاتمو شامل آهي، جيئن صنعت کي حوصلا افزائي ڪري سگهجي. صوبائي وزير زراعت سنڌ، سردار محمد بخش خان مهر ڪپهه جي معيشت کي فروغ ڏيڻ لاءِ ڪپهه جي بحالي کي ملڪ جي ترجيح قرار ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. هن وڌيڪ چيو ته موسمي تبديليون ۽ مارڪيٽ ۾ اتار چڙهاءُ ڪپهه کي درپيش چيلينجز آهن سنڌ حڪومت پوکيندڙن، زرعي توسيع ونگ ۽ فارم جي سطح تي لچڪ وڌائڻ لاءِ ڊرپ ايريگيشن ۽ ليزر لينڊ ليولرز جهڙن اوزارن کي سبسڊي ڏيڻ وارن پروگرامن جي صلاحيت کي فروغ ڏيڻ لاءِ گذريل سال "وڌيڪ ڪپهه پوک" مهم سميت مختلف اسڪيمون ۽ مهمون شروع ڪيون آهن. سيڪريٽري زراعت بلوچستان، نور احمد پرڪاني بلوچستان جي اسٽريٽيجڪ اهميت کي پائيدار ڪپهه جي پيداوار لاءِ هڪ نئين اڀرندڙ علائقي طور اجاگر ڪيو جتي وڌيڪ موزون موسمي حالتون، بهتر اسٽيبل لينٿ ۽ ٻيا معياري پيرا ميٽرز موجود آهن. ان جي مقابلي ۾، صوبو اڃا تائين پاڻي جي قلت، غير تصديق ٿيل ٻجن ۽ گهٽ معيار جي ان پٽس جي اڻ موجودگي سبب ڪپهه جي پيداوار جي پنهنجن هدفن کان پوئتي رهجي ويو آهي، نائب صدر PCCC، ڊاڪٽر يوسف ظفر پاڪستان ۾ ڪپهه جي زوال جي پويان اهم عنصرن جو تجزيو پيش ڪيو ۽ خاص پوائنٽس تي زور ڏنو جن ۾ گرمي، بيماري ۽ ڪيڙن کان بچاءَ لاءِ ٻجن جي تياري ۽ ورهائڻ ۽ ڪپهه کي پوکيندڙن لاءِ وڌيڪ پرڪشش بڻائڻ لاءِ مارڪيٽ جي ڪنٽريڪٽ فارمنگ شامل آهن. ٻين سيشنن ۾ WWF، CABI، سورٿي انٽرپرائزز، لاسبيلا يونيورسٽي، TASSCOسيڊ ڪمپني، ڊائريڪٽوريٽ ايگري ريسرچ ۽ سنڌ آبادگار ايسوسي ايشن جا ماهر ۽ پينلسٽس پائيدار ڪپهه جي پيداوار سان لاڳاپيل ڪاميابي جي ڪهاڻين، ۽ ملڪ ۾ ڪپهه جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ خيالن سان گڏ تنظيماتي واعدا پڻ اجاگر ڪيا. اسٽيڪ هولڊرز هڪ اهڙي ويزن سان روانا ٿيا ته ڪپهه کي ان جي شان واپس آڻڻ ۽ گهٽ ۾ گهٽ 15 ملين گانٽن (جيئن 2015 ۾ پيدا ٿيون هيون) تائين واپسي سان ان ۾ اضافو ڪيو وڃي. ڪانفرنس ۾ سيڪريٽري زراعت سهيل احمد قريشي ۽ ٻيا شريڪ هئا.

بقايا 10

جو مطالبو ڪندي واضع ڪيو آهي ته ڄاڻايل مولوي اورنگزيب فاروقي جو تعلق پابندي مڙهيل تنظيم سان هجڻ ڪري سندس نالو فورٿ شيڊول ۾ شامل آهي پر مقامي آرگنائيزرس پاران سياڻي سندس استقباليه جلسو ۽ خطاب منعقد ڪرائي مذهبي ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، ان سلسلي ۾ شيعان حيدر ڪرار ٺٽي جي اڳواڻن سيد جاويد شاهه مولانا فدا حسين فردوسي، ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه نعيم قريشي، آفتاب زوار پٽي، ممتاز علي شاهه ارشاد حسين ڪتري ۽ ٻين نيشنل پريس ڪلب ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته مذڪوره تڪراري مولوي اورنگزيب فاروقي جو گذريل 3 ڊسمبر تي ٺٽو شهر ۾ ڪانفرنس کي خطاب ڪرڻ جو پروگرام رٿيل هو پر سندن سخت ردعمل ظاهر ڪرڻ ڪانپوءِ مقامي آرگنائيزرن پاران پوليس وٽ لکت ۾ واضع ڪيو ويو ته هو هاڻي جلسي ۾ شرڪت نه ڪندو هنن چيو ته اهڙي لکت ڪانپوءِ به پابندي پيل تنظيم جي اڳواڻ کي ٻيهر سياڻي ور شهر ۾ جلسي لاءِ گهرايو پيو وڃي جيڪو تڪراري شخص آهي ۽ سندس خلاف ماضي ۾ ڪيترائي ڪيس پڻ داخل ٿيل آهن. هنن چيو ته ٺٽو ضلعو سمورن مذهبي جماعتن لاءِ هميشه هم آهنگي ۽ پرامن ڀائيچاري وارو ضلعو رهيو آهي پر چند ماڻهو مذهب جي نالي تي ضلعي اندر فساد پيدا ڪرڻ لاءِ تڪراري مولوين کي گهرائي امڪاني طور تي حالتن کي خراب ڪرڻ چاهين ٿا، هنن ايس ايس پي ٺٽو ڊي سي ٺٽو ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي معاملي جي سنجيدگي کي ڏسندي سياڻي وارو تڪراري جلسو ملتوي ڪرائي مذڪوره جلسي جي انتظامي ڪميٽي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ تڪراري مولوي کي ضلعي ٺٽي ۾ اچڻ نه ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ حالتن جي ذميواري انتظاميه تي عائد ٿيندي.

بقايا 11

الله ورايو ڪنير کان سي ڊي موٽر سائيڪل روڪ رقم موبائل فون ڦر ڪري ڪيس سخت مارڪيٽ ڪري قورو آساني سان فرار ٿي ويا واقعي جي اطلاع نئون آباد پوليس کي ڏني وئي پر پوليس ڪيس به پيٽو نه ٿي وٺي ڪا علائقي ۾ بدامني عروج تي اچي وئي پوليس ڏوهارين ۾ مڪمل ناڪام ياد رهي ته ان کان اڳ ٿي نئون آباد ٿاڻي جي حد ۾ ڦرن ۽ تيزي سان اضافو ٿي رهيو آهي علائقي واسي ڏوهه وڌڻ سبب ڪافي خوف ۾ آهن شام ٿيندي ئي روڊ رستا ويران ٿي ويا آهن شهرين اعليٰ انتظاميه کان نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪئي آهي واضح رهي ته هڪ هفتي دوران ديوان پون ڪمار ،سميت هي ڇهون موٽرسائيڪل ڦرجي.

بقايا 12

ملڻ خلاف پريس ڪلب رائيپور آڏو احتجاجي مظاهرو، اعلي اختيارين نوٽيس وٺي تحفظ ڏين گهر. رپورٽ موجب: هنگورجا واسي منير احمد گلال، محمد فضل گلال ۽ ٻين پاران ڇهه مهينا اڳ قتل ٿيل وٺل 10 سال معصوم نينگر علي جي موت مار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف پريس ڪلب رائيپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري دوران هنن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي ٿيل واقعي جي هنگورجا ٿاڻي تي پنهنجن خلاف ڪيس داخل ڪرايو آهي. جنهن ۾ مان محمد اعظم گلال، دين محمد ،صدام حسين ياسين گلال ۽ ڪا نامعلوم شامل آهي. جنهن ۾ ملوث جارئي جوابدارن کي پوليس گرفتار ڪندو انور گلال کي، جنهن تي اسان کي شڪ آهي ته اهو به هن قتل ۾ ملوث آهي. جڏهن ته انهن مان جوابدار پنهنجي ضمانت ڪرائي آزاد ٿيا آهن. جنهن کان پوءِ هو اسان کي موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. اسان کي جاني ۽ مالي نقصان رسڻ جو خطرو آهي. اسان غريب مسڪين ماڻهو آهيون. احتجاج ڪندڙ متاثرن اعلي اختيارين، ايس ايس پي خيرپور توحيد ميمڻ ۽ وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته اسان کي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڏياريو وڃي.

بقايا 13

مال واپس ڪنداسين اسين اڳ به انهن کي پتو ڏنو آهي ۽ پتو نه پڻ ته اسان مسڪينن سان ڏاڍيل ظلم ڪري رهيا آهن اسين سنڌ هاءِ ڪورٽ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي ڪشمور زبير نظير شيخ کي اپيل ٿا ڪيون ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ اسان جو ڪاهي ويل چوپايو مال واپس ڪرايو وڃي.

بقايا 14

نوناري، ايڪسين سيپڪو گهوٽڪي عرفان احمد شيخ، لائن سپرنٽينڊنٽ سيد امجد حسين شاهه ڪئي. آپريشن دوران بقايادارن کان بجلي جي بل جي مد ۾ 30 لک روپيا وصول ڪيا ويا. ان موقعي تي ايڪسين سيپڪو گهوٽڪي عرفان احمد شيخ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سيپڪو چيف سکر اعجاز احمد چنا جي هدايتن تي پنجين ڏينهن به بجلي چورن ۽ بقايادارن خلاف آپريشن جاري آهي. سيپڪو جا بقايا هر صورت ۾ ڊيفالٽرن کان وصول ڪيا ويندا. هن سيپڪو عملدارن کي خبردار ڪندي چيو ته بقايادارن کان وصولي ۾ بهتر بڻايو وڃي ۽ غفلت ڪندڙ سيپڪو آفيسر ۽ عملي خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ويندي ۽ بجلي جا بل ۽ بقايا ادا نه ڪندڙ صارفين خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي ۽ ڪيس داخل ڪيا ويندا. ان ڪري ته بجلي چوري ۽ بقاياٽون ادا نه ڪندڙن خلاف آپريشن جاري آهن ۽ اهي ڪاروايون بجلي چوري جي مڪمل خاتمي تائين جاري رهنديون.

بقايا 15

ڪٺي مظاهرو، آيل پيور بلاڪ، نالين جي صفائي ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن: مظاهرين. رپورٽ موجب: رائيپور پبلڪ هيلٿ سب ڊويزن ۽ ٽائون ڪاميٽي رائي پور انتظاميه جي نااهليءَ خلاف دڪاندارن، شهرين، سياسي سماجي اڳواڻن هٿن ۾ نعري وارا پلي ڪارڊ کڻي شاهي بازار کان احتجاجي ريلي ڪڍي، جيڪي شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي ڊاڪٽر قادر بخش ميمڻ چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو، جنهن جي اڳواڻي سماجي اڳواڻ امداد لاڙڪ، اڳوڻو ڪائونسلر وڏيرو نماڻو خان سرڪي، هيومن رائيٽس اڳواڻ عاصي فقير محمد عباسي، پنجل جي صرافا اڳواڻ مشتاق صديقي، دڪاندار والياڻو صديقي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي مظاهرو ڪندڙ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته شهر جي نالن ۽ اهم گهٽي ۽ رستي ڊاڪٽر قادر بخش ميمڻ چوڪ، عباسي محلا پيلا مارڪيٽ ۽ ڪنهن به قسم جو ڪوبه ترقياتي ڪم نه ڪرايو ويو آهي. شهر جي اڪثر محلا ڳوڪن چوراهن تي پيور بلاڪ لڳايا ويا آهن. پر اسان جي محلن ۽ چوڪ کي مڪمل طور تي نظرانداز ڪيو ويو آهي. نه ئي وري ڪو صفائي سٿرائي جو ڪم ڪرايو وڃي ٿو [illegible] اسان هن شهر جا نه خاص اسان سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري رهيا آهن. جڏهن ته هن وڌيڪ چيو ته پبلڪ هيلٿ کاتي طرفان منظور ٿيل شهر جي ڪروڙين رپين جي بجيٽ انجنيئر، ايس ڊي او ۽ ڪرپٽ ٺيڪيدارن جي مدد سان آيل بجيٽ کي ڳڙڪائي رهيا آهن. پر اهي اسان جي شهر ۾ ڪنهن به قسم جو ڪوبه ترقياتي ڪم نٿا ڪرايا وڃن. ڪجهه محلن ۽ نالي ماتر ڪم ڪرائي ڪوڙا بل ڪاهي رهيا آهن جنهن جي انڪوائري ڪرائي وڃي. جڏهن ته پبلڪ هيلٿ جا ٺيڪيدار جي پسند ماڻهن جي محلن ۾ پيور هٽي رهيا آهن. پر شهر جي اهم مين چوراهن، چوڪن کي مڪمل طور تي نظرانداز ڪيو پيو وڃي. ڊاڪٽر قادر بخش ميمڻ چوڪ ۽ ٻين اهم چوڪن کي مڪمل طور تي نظرانداز ڪرڻ هڪ وڏي عرصي آهي. هنن اعليٰ اختيارين وس وارن کان گهر ڪندي چيو ته هن جو نوٽيس وٺي شهر ۾ پبلڪ هيلٿ پاران شهر جي مارڪيٽن ۾ پيور جو ڪم ڪرائي ڏنو وڃي ۽ صفائي سٿرائي جو ڪم ڪرايو وڃي ته هي احتجاجن جو سلسلو مسئلن جي حل تائين جاري رهندو.

بقايا 16

بڇجي ويو آهي اڄ صبح 6 وڳي الٽو ڪار تي آيل 3 چور سجل ڪلهوڙو جي ايف بلاڪ مان ڪرولا ماڊل 2010ع سلور ڪلر، نمبر پليٽ AUM767 ڪار ڪاهي فرار ٿي ويا جڏهن ته ڪرولا گاڏي چوري ڪرڻ جا سي سي ٽي وي فوٽيجز پڻ وصول ٿي ويا آهن جنهن مان صاف نظر رهيا آهن سنڌ عوامي سٽ اڳواڻ عيدل نانگراج چيو ته سجل ٿالڻي جي گهر ۾ هر روز ڏوهه وڏي رهيا آهن پر پوليس ڪوبه قدم کڻڻ لاءِ تيار نه آهي جيڪڏهن امن قائم نه ڪيو ويو ته سخت احتجاج ڪنداسين ٻئي طرف چوري ٿيل ڪار جي مالڪ شنڪر ۽ سخت احتجاج ڪندي ٻڌايو ته اڄ صبح 6 وڳي 3 چور الٽو ڪار تي سوار ٿي آيا ۽ منهنجي گهر اڳيان بيٺل ڪار ڪاهي فرار ٿي ويا آهن آئي ايس پي اوپر ڪان مطالبو ڪريان ٿو ته چوري ٿيل ڪار واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 17

ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ۽ پيٽروليم ايڪٽ تحت ڪاروائي ڪئي ويندي. ان ڏس ۾ شاهه حسين جي ويجهو ديهه ڪوٽ ڪوڙو قلپوتو وٽ ايل پي جي جي ويئرهائوس جي مختيارڪار وقار سومرو، اسسٽنٽ مختيارڪار شيراز قلپوتو انٽي انڪروچمينٽ انسپيڪٽر طارق رند حد جي پوليس ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي ساڻ ڪري ڇاپو هڻي غير قانوني ايل پي جي ويئر هائوس سيل ڪيو ويو آهي ان ڏس ۾ مختيارڪار وقار سومرو ۽ شيراز قلپوتو ٻڌايو ته ڊپٽي ڪمشنر سيد احمد فواد شاهه جي هدايت تحت ڇاپو هنيو آهي جتي ايل پي جي ۾ C.O.2مادو ملايو پئي وڃي جيڪا صحت لاءِ هاڃيڪار هجڻ سان گڏ جيڪڏهن باهه لڳي وڃي ته انتهائي خطرناڪ ثابت ٿيندي آهي گاڏين مان نڪرندڙ دونهين سبب مختلف بيماريون ڦهلجن ٿيون ان سلسلي ۾ ويئر هائوس کي سيل ڪري ايس ايڇ او شاهه حسين جي حوالي ڪيو ويو آهي انهن وڌيڪ ٻڌايو ته ويئر هائوس جا مالڪ مجيد چانڊيو ۽ ڌمساز گهنيو فرار ٿي ويا آهن. وڌيڪ ڪاروائي لاءِ ڊي سي خيرپور کي رپورٽ اماڻي ڇڏي آهي.

بقايا 18

ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو. ان موقعي تي معذور پورهيت غلام مرتضيٰ ڪلهوڙو دانهيندي چيو ته سال 2010ع دوران منهنجي شادي پنهنجي سئوٽ سيمه ڪلهوڙو سان ٿي هئي جنهن مان مون کي 7 ورهين جي پٽ غلام مصطفيٰ جي اولاد آهي، شادي بعد مان ويگن هلائي گهر ڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو هيس ته ان دوران روڊ حادثي ۾ منهنجي ٽنگ ڀڄي پئي جنهن ڪري مان ڪافي سالن کان معذوري واري زندگي گذاري رهيو آهيان. هن الزام لڳايو ته گهر واري سيمه ڪلهوڙو غلط ڪم ڪري بااثر ماڻهن طرفان ورغلائڻ تي مون مٿان تشدد ۽ غلط ڪم ڪرائڻ جو الزام لڳائي رهي آهي جنهن گذريل 21 جنوري تي مون کي نشو ڏئي بغير ٻڌائڻ جي پنهنجي ماسي ڏيائي سان گڏجي گهر مان سونا زيور، روڪ رقم، ڪپڙا ۽ ٻيو گهر جو سامان کڻي پنهنجي والدين جي گهر بجاءِ باڊهه جي انب پور محلا ۾ ڪلهوڙا ذات سان واسطو رکندڙ بااثر جي گهر ۾ رهائش اختيار ڪري سندس چرچ تي مون کان طلاق وٺڻ لاءِ لاڙڪاڻي جي فيملي ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي پر ان جي باوجود مان پنهنجي گهر واري کي طلاق ڏيڻ نه ٿو چاهيان.

بقايا 19

صابر سميع سجاد ، ڏنل زخميءَ پنهنجون لکڻيون اصلاحي تنقيد لاءِ پيش ڪيون لکڻين تي ڳالهائيندي ناليواري شاعر سجاد ميرانيءَ چيو ته نئين ٽهيءَ جا دوست سٺو لکن ٿا پر انهن جي لکڻين ۾ سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين بابت گهٽ مواد آهي جيڪو گهڻو هئڻ گهرجي ۽ سنڌوءَ تي لڳندڙ ڌاڙي بابت به لکن ۽ پنجاب پاران ٿيندڙ زيادتين تي پنهنجو آواز به اٿارين. صدارتي راءِ ڏيندي استاد ڪندن لعل چيو ته هن وقت گل و بلبل جي شاعري بدران ڌرتيءَ تي ٿيندڙ ڪلورن ، بدامني، قبائلي جهيڙن ، ڌاڙيل ڪلچر، قتل عام ۽ خاص ڪري هندو برادريءَ جي لڏ پلاڻ کي روڪڻ لاءِ پنهنجي قلم کي استعمال ڪن گڏجاڻيءَ ۾ وفاقي حڪومت پاران سنڌوءَ مان ڇهه ڪينال ڪڍڻ واري ڪڌي عمل جي مذمت ڪئي وئي ۽ ضلعي خيرپور ۾ خاص ڪري تعلقي ڪينگري ۾ قبائلي جهيڙن تي تشويش جو اظهار ڪندي جهيڙيندڙ ڌرين کي گذارش ڪئي وئي ته هو قبائلي تڪرار ختم ڪن ته جيئن ضلعي خيرپور ۽ تعلقي ڪينگري ۾ ڪار وهنوار جيڪو ڪيتري قدر پوئتي پئجي ويو آهي اهو بهتر ٿي سگهي ۽ عوام ۾ خوشحالي اچي سگهي.

بقايا 20

80 غريب شاگردن ۾ مظهر ميمڻ فائونڊيشن پاران ڊونيٽ ڪيل ڊريسون ۽ بوٽ سگا شاخ ڪلوئي جي جنرل سيڪريٽري محمد عباس نهڙي ۽ سگا سي اي سي ميمبر ارباب خالد محمود پاران ورهايا ويا ڪجهه ڏينهن اڳ سگا جي اڳوڻي سيڪريٽري تعليم سگا ۽ سي اي سي ميمبر پيرل خان ڪوسو ۽ اڳوڻو سيڪريٽري صحت ارباب خالد محمود پاران ڊاڪٽر جاويد مظهر ميمڻ کي اسڪولي يونيفارم لاءِ چيو هو جن جي ڪوشش سان اڄ روشن تارا اسڪول ڪلوئي جي 80 غريب شاگردن کي اسڪولي يونيفارم ۽ شوز بوٽ ڏنا ويا ان موقعي تي سگا ڪلوئي شاخ جو جنرل سيڪريٽري محمد عباس نهڙي، انفارميشن سيڪريٽري عرفان ڪوسو ، اسڪول جو هيڊ ماستر فياض احمد سميت اسڪول جو اسٽاف پڻ موجود هو انهي موقعي تي سگا شاخ ڪلوئي جي جنرل سيڪريٽري عباس نهڙي ۽ انفارميشن سيڪريٽري عرفان ڪوسو چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته اسان سگا شاخ ڪلوئي جي پليٽفارم تان تعلقي ڪلوئي هر ممڪن هتي جي ماڻهن جي مدد ڪريون اسان روشن تارا اسڪول ڪلوئي جي لاءِ مظهر ميمڻ فائونڊيشن کي درخواست ڪئي هئي جنهن بعد اسان جي روشن تارا اسڪول ڪلوئي جي غريب 80 شاگردن کي اسڪول جي يونيفارم ۽ شاگردن لاءِ بوٽ پڻ ڏياريا آهن. اسان مظهر فائونڊيشن ۽ ڊاڪٽر جاويد مظهر ميمڻ جا ٿورائتا آهيون. جيڪو هر وقت هتي جي غريب ۽ لاچار ماڻهن جي مدد ڪري ٿو

بقايا 21

تي احتجاج ڪندڙ عورت سيمه خاتون ڪلهوڙو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي دانهيو چيو ته منهنجي شادي سال 2016ع دوران نصيرآباد شهر جي اوڏائو پاڙي ۾ رهندڙ پنهنجي سڳي سئوٽ غلام مرتضيٰ ڪلهوڙو سان ٿي هئي جنهن مان مون کي 7 ورهين جي پٽ غلام مصطفيٰ ڪلهوڙو جي اولاد آهي. هن الزام لڳايو ته مڙس غلام مرتضيٰ شادي بعد ڪم ڪار نه ڪندو ۽ نه ئي گهر جو خرچ ڏيندو ويتر مون کان غلط ڪم ڪرائيندو هو پر ان جي باوجود مڙس گهر جو خرچ گهرڻ تي تشدد جو نشانو بڻائيندو هو جنهن 3 مهينا اڳ بيگناهه بدترين تشدد جو نشانو بڻائي مون کي رتورت ڪري جنهن ڪري مان لاڙڪاڻي شهر جي نظر محلا ۾ پنهنجي والدين جي گهر ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ هفتو اڳ لاڙڪاڻي جي فيملي ڪورٽ ۾ مڙس کان خلع وٺڻ لاءِ درخواست داخل ڪرائي اهڙي سڌ پوڻ تي مڙس غلام مرتضيٰ مون سميت منهنجي معصوم پٽ غلام مصطفيٰ، امڙ ڏيائي خاتون ۽ ٻين گهر ڀاتين کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي

بقايا 22

مرڪزي اڳواڻن ملڪ نويد اعوان ۽ سوار خان مٿان ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪرڻ خلاف ۽ پينشن ، گريجوئيٽي جو پهريان وارو طريقو لاڳو ڪرڻ ۽ فوتي ڪوٽا ختم ڪرڻ خلاف ٽائون ڪميٽي ڏهرڪي جي يونين اڳواڻن سي بي اي يونين صدر منير احمد سومرو مزڪور احمد پتافي شبير احمد لغاري رفيق چاچڙ اياز نائچ شوڪت جت ڪريم بخش ڪلال علي گوهر سيال صديق شاهاڻي ۽ ٻين احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو . ان موقعي تي يونين اڳواڻن چيو ته لوڪل گورنمينٽ جا ملازم پنهنجي حقن لاءِ آواز بلند ڪن ٿا ته انهن تي ڪوڙي ايف آئي آر ڪٽي وڃي ٿي يا رليو ڪيو ٿو وڃي ملڪ نويد اعوان ۽ سوار خان جو ڏوهه اهو آهي ته هو مڪاني ڪاتي جي ملازمن لاءِ آواز اٿاريو ته هنن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسايو ويو آهي

بقايا 23

احتجاج جي اڳواڻي پ پ پ شهيد ڀٽو جو خالد چانڊيو ايس يو پي جو جنيد وسطڙو، سهيل منگي عوامي سٽ جو لالا آصف سنڌي، ثناءَ الله عباسي، راڻو خان وگڻ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سانگهڙ پرسان ڳوٺ جاني جوڻيجو ۾ 3 بيگناهه ماڻهو مارجي ويا ۽ 20 کان وڌيڪ زخمي ٿيا آهن پر ان واقعي ۾ پ پ ايم اين اي جو علاءُ الدين جوڻيجي جو نالو ملوث هجڻ سبب ڪيس داخل ناهي ڪيو ويو اهو واقعو افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو آهي، متاثر عورتون ۽ ٻارڙا لاش کڻي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري رهيا آهن جيڪڏهن ڪنهن امير جو مرغي چوري ٿئي ٿو ته هڪ منٽ ۾ ايف آءِ آر درج ٿي وڃي ٿي، هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت کي شرم اچڻ کپي بلاول ڀٽو روڊ تي 3 لاش پيل آهن، عورتون ۽ ٻارڙا روڊن تي آهن پر افسوس انصاف نه ٿو ڪيو وڃي

بقايا 24

سان گڏجي ڪنڊا ڪنيڪشن هٽائڻ ۽ بجلي جي بقاياجات اوڳاڙڻ لاءِ آپريشن ڪيو ويو واپڊا عملي ميرپورماٿيلو سميت ڳوٺ ڏنو ماڪو جروار روڊ مگسي ڳوٺ ۽ ٻين علائقن ۾ آپريشن ڪري ڏهن ڪان مٿي شهرين ۽ ڳوٺاڻن کي بجلي چوري ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪري ميرپور پوليس اسٽيشن تي ايف آر داخل ڪئي وئي آهي جڏهن ته واپڊا ايس ڊي او ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته صرف ڏهرڪي اوباڙو سب ڊويزن ۾ صارفين ڏانهن پندرهن ارب جون بقاياجون رهيل آهن. جيڪا اوڳاڙڻ لاءِ آپريشن جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 25

ن پنجابي ۾ پوليس طرفان هاف فرائي ٿيل نوجوان اسد چانڊيو جي معاملي تي ريس پنگل خان چانڊيو جي اڳواڻي ۾ ڪٽ ان ۾ موقعي تي سعد خان چانڊيو علي گل خاصخيلي روشن چانڊيو جعفر چانڊيو ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پوليس اسان جي گهرن تي روز جي بنياد تي چڙهايو ڪري اسان جي نياڻين جي تذليل ڪري ٿي ۽ بناجواز اسان جي نوجوانن تي ڪيس داخل ڪري هاف فرائي ڪيو وڃي ٿو يان وري ايس ايس پي نوشهروفيروز ايس ايڇ او منعيم لاڙڪ رشوت ڏيڻ جو چون ٿا هنن چيو ته اسان غريب مزدور آهيون جيڪڏهن اسان جي ڪنهن نوجوان مٿان ڪو ڪيس آ ته اسان کي پوليس اطلاع ڪري اسان ان نوجوان کي پوليس وٽ پيش ڪنداسين باقي هي گندا گردي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي هنن آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي سنڌ ايس ايس پي سنڌ کي اپيل ڪئي ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ اسان مٿان داخل ٿيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي پاسي نوشهروفيروز پوليس پنهنجو موقف ٻڌايو ته اسد چانڊيو هڪ عادي ڏوهاري آهي جيڪو پوليس کي ڪيترن ۽ ڪيسن ۾ گهربل هئيو ڏوهاري ڀلي ڪيترو به طاقتور ڇو نه هجي هو پوليس جي گرفت کان بچي نه سگهندو

بقايا 26

ن پنجابي ۾ پوليس طرفان هاف فرائي ٿيل نوجوان اسد چانڊيو جي معاملي تي ريس پنگل خان چانڊيو جي اڳواڻي ۾ ڪٽ ان ۾ موقعي تي سعد خان چانڊيو علي گل خاصخيلي روشن چانڊيو جعفر چانڊيو ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پوليس اسان جي گهرن تي روز جي بنياد تي چڙهايو ڪري اسان جي نياڻين جي تذليل ڪري ٿي ۽ بناجواز اسان جي نوجوانن تي ڪيس داخل ڪري هاف فرائي ڪيو وڃي ٿو يان وري ايس ايس پي نوشهروفيروز ايس ايڇ او منعيم لاڙڪ رشوت ڏيڻ جو چون ٿا هنن چيو ته اسان غريب مزدور آهيون جيڪڏهن اسان جي ڪنهن نوجوان مٿان ڪو ڪيس آ ته اسان کي پوليس اطلاع ڪري اسان ان نوجوان کي پوليس وٽ پيش ڪنداسين باقي هي گندا گردي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي هنن آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي سنڌ ايس ايس پي سنڌ کي اپيل ڪئي ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ اسان مٿان داخل ٿيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي پاسي نوشهروفيروز پوليس پنهنجو موقف ٻڌايو ته اسد چانڊيو هڪ عادي ڏوهاري آهي جيڪو پوليس کي ڪيترن ۽ ڪيسن ۾ گهربل هئيو ڏوهاري ڀلي ڪيترو به طاقتور ڇو نه هجي هو پوليس جي گرفت کان بچي نه سگهندو

بقايا 27

داخل ڪرڻ خلاف ضلعي ڪائونسل سکر جي ملازمن پاران يونين آفيس کان ريلي ڪڍي سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن علي مردان شيخ عبدالمجيد جسڪاڻي دانش راجپوت طارق حسين سيال مشاهد حسين عبدالله ۽ ٻين جي اڳواڻن چيو ته لوڪل گورنمينٽ جا ملازم پنهنجي حقن لاءِ آواز بلند ڪن ٿا ته انهن تي ڪوڙي ايف آئي آر ڪٽي وڃي ٿي يا رليو ڪيو ٿو وڃي ملڪ نويد اعوان جو به ڏوهه اهو آهي ته هو مڪاني ڪاتي جي ملازمن لاءِ آواز اٿاريو ته هن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسايو ويو آهي مڪاني ڪاتي جي ملازمن سان ماٽيلي ماءُ وارو ورتاءُ ڪيو پيو وڃي جيڪو عمل انتهائي افسوسناڪ آهي مظاهرين لاڳاپيل اختيارن کان مطالبو ڪيو ته ملڪ نويد اعوان مٿان داخل ڪيس ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رکيو ويندو

بقايا 28

موقعي تي سائين جوهر بروهي جنم ڏينهن جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو.تقريب ۾ شاعرن، اديبن، ليکڪن ساڃاهه وندن شرڪت ڪئي. تقريب ۾ ناميارو محقق سائين آزاد قاضي - آزاد انور ڪانڌڙو. سرمد بروهي. قاضي عزيز الله مهيسر. عبد چنا. صحافي احمدعلي چانڊيو علي عباس بروهي غلام مصطفي جتوئي ايڊوڪيٽ عاشق حسين سولنگي سائين محسن چانڊيو صحافي مشتاق علي بروهي صحافي نادر چانڊيو سينئر استاد غلام سرور چانڊيو سرمد بروهي صحافي فهد علي بروهي شرڪت ڪئي. تقريب کي اديبن شاعرن خطاب ڪندي چيو ته عبدالقيوم جوهر بروهي سنڌ - بلوچستان جو خوبصورت اديب ۽ شاعر آهي. هو شاه لطيف جو پڻ پارکو آهي. سنڌ جو وڏو اسڪالر. عالم ۽ اديب آهي . جنهن جو سڄي زندگي جو ادبي پورهيو آهي. جوهر بروهي ڪاڇي جو آواز آهي - هن ڪاڇي جي مسئلن تي لکيو آهي - جوهر سنڌ جي سونهن بلوچستان جي امنگن جو شاعر آهي. جنهن پنهنجي زندگي علم، ادب جي خدمت ڪندي گذاري.

بقايا 29

وسيم شاه سان ڳوٺ جي اوباش نوجوان رحيم شاه پاران مبينا طور بدفعلي ڪئي واقعي جي رپوٽ ٿاڻي تي داخل جوابدار گرفتار ان سلسلي ۾ سندس والد سيد وسيم شاه ٻڌايو ته منهنجو پٽ نرسري ۾ پڙهندو آهي گهر پرسان ٻوٽي کي پاڻي ڏئي رهيو هو ته ڳوٺ جي اوباش نوجوان رحيم شاه ڪيس چاقو ڏيکاري زبردستي ڪيلن جي فصلن ۾ کڻي بدفعلي جو نشانو بڻايو آهي هن وڌيڪ چيو ته سندس خلاف اڳ ۾ به ڳوٺ جي معصوم ٻارڙن کي تنگ ڪرڻ جا الزام آهن ۽ شڪايتون پڻ مليون آهن ۽ اسان سندس وارثن کي پڻ شڪايتون ڪيون پر هنن ڪو تدارڪ نه ڪيو اڄ هي ظلم ڪيو اٿس جڏهن ته نينگر کي زخمي حالت ۾ پرياستي اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران طبي امداد بعد جزا وٺي ليبارٽري موڪليا هنن مطالبو ڪيو ته جوابدار کي عبرتناڪ سزا ڏئي انصاف فراهم ڪيو وڃي پرياستي اسپتال جي ڊاڪٽرن موجب نينگر جا سعاب وٺي ليبارٽري موڪليا ويندا بعد رپورٽ جاري ڪئي ويندي ٻئي پاسي پرياستي پوليس ٻڌايو ته نينگر کي ميڊيڪل ليٽر ڏنو آهي جوابدار رحيم شاه کي گرفتار ڪيو آهي وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 30

سکر ايم بي راجا ڏاريجو چيو ته 100 سيڪڙو ڪوريج باوجود وائرس سيمپل جو پازيٽو اچڻ سمجھ کان ٻاهر آهي. هن چيو ته ضلعي اندر وائرس جي لوڪل سرڪيوليشن هئڻ مان مراد مهم دوران ڪوتاهيون ضرور رهيون آهن. ڊپٽي ڪمشنر سکر پاران اجلاس ۾ ڊي ايڇ او جي غير موجودگي ۽ اطلاع نه ڪرڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي هدايت ڪئي ته سندس خلاف لکت ۾ پڇاڻو ڪيو وڃي، جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر اسسٽنٽ ڪمشنر پنوعاقل جي غير حاضري تي پڻ سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته موجوده ڊيٽا مان ظاهر ٿئي ٿو ته آپريشن فيليوئرز موجود آهن. جنهن کي درست ڪيو وڃي. هن چيو ته پوليو بابت صحيح انگ اکر پيش ڪيا وڃن ۽ اهڙي عمل ۾ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي قبول نه هوندي. هن چيو ته مهم دوران سمورا اسسٽنٽ ڪمشنرز فيلڊ ۾ رهن. صحت کاتي جي عملدار بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ايندڙ پوليو مهم ۾ 1298 پوليو ٽيمون ۽ 280 ايريا انچارج ڊيوٽي سر انجام ڏيندا. جن ايرياز اندر گذريل ڪارڪردگي بهتر نه رهي

بقايا 31

محتسب سيڪريٽريٽ ريجنل آفس سکر جي ڪمشنر آءِ آر ڊي ڊاڪٽر عبدالوحيد انڊڙ ٻڌايو ته کلي ڪچهري ۾ سيپڪو جي ڊيڊڪشن، اوور بلنگ، سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن، ريڊيو پاڪستان، سئي گيس، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي، بينظير انڪم سپورٽ، نيشنل بينڪ، ايف آءِ اي، اسٽيٽ لائف، پوسٽل لائيف، نيشنل هاءِ وي، موٽروي پوليس بابت 100 کان وڌيڪ درخواستن تي سماعت ڪئي وئي. جتي 150 کان وڌيڪ درخواست گزارن جي درخواستن کي اڪلايو ويو آهي ۽ 30 لک رپين کان وڌيڪ ماڻهن کي فائدو فراهم ڪيو ويو آهي. کلي ڪچهري ۾ سيپڪو جي ايس ڊي او رئيس خان صافي، وفاقي محتسب اعليٰ جي عبدالله سومرو، انفعا خان سميت ٻين ادارن جي اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي. وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ ريجنل آفس سکر جي ڪمشنر آءِ آر ڊي ڊاڪٽر عبدالوحيد انڊڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سيپڪو نادرا ، يونيورسٽي، پرنيشنل بينڪ سميت ٻين کاتن خلاف عوام جي شڪايتون اچن ٿيون جنهن تي فوري ڪاروائي ڪئي وڃي ٿي ۽ عوام کي رليف ملي رهيو آهي درخواست گزارن سان جيڪي به زيادتي ٿي رهي آهي ان تي قانوني طور سان ايڪشن ورتو وڃي ٿو هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سرڪاري آفيسرن خلاف شڪايتن تي اسلام آباد هيڊ آفيس سفارش اماڻيندا آهيون ۽ ان تي اسلام آباد مان ئي ايڪشن ٿي ويندو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ماڻهن کي رليف ۽ مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ريجنل آفيس سکر گهرائڻ بدران خيرپور ۾ ئي کلي ڪچهري منعقد ڪندا آهيون. هن ٻڌايو ته ريجنل آفيس محتسب اعليٰ سکر طرفان خيرپوضلعن ۾ کلي ڪچهري منعقد ڪئي ته جيئن هر شهر جي درخواست گزار کي انهن جي ئي شهرن ۾ وڃي رليف ۽ مسئلا حل ڪيا.

بقايا 32

جي مفت ڪئمپ اختتام پذير ٿي جنهن ۾ مختلف سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين ڊاڪٽرن استادن شاگردن صحافين سميت هر مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي مورو جي صدر سيد ڪاظم علي شاه ميونسپل ڪاميٽي مورو جي چيئرمين نذير احمد ميمڻ ڊاڪٽر روشن الدين سومرو ڊاڪٽر عبدالڪريم ڏاهري شاه لطيف ۽ ٻين ڪئمپ جي وزٽ ڪئي هن ڪئمپ ۾ مشهور اکين جي ماهر ڊاڪٽر پروفيسر عارف رباني ڏاهري ۽ ٻين ڊاڪٽرن ٻن ڏينهن ۾ مردن عورتن جا 500 کان مٿي اکين جا آپريشن ڪيا انهن کي اعلي ڪوالٽي جا لينس لڳايا ۽ اکين جا ڊراپس ۽ چشما ڏنا هن ڪئمپ ۾ بلڊ پريشر شگر ۽ سائي جون ٽيسٽون پڻ ڪيون ويون هن ڪئمپ ۾ مورو شهر سميت آس پاس جي شهرن ڳوٺن کان سون جي تعداد ۾ مرد عورتون ۽ ٻار هن ڪئمپ تي اچي چيڪ اپ ڪرايو جن کي اکين جي بيمارين جا ڊراپس ۽ چشما ڏنا ويا هن ڪئمپ ۾ مورو جي ڊاڪٽرن عملي اسڪائوٽ ۽ سماجي تنظيمن پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون

بقايا 33

ڪندي الزام لڳايو ته عبدالقيوم، عمر خان، محمد طارق، غلام رسول، نذير برو، لطف الله، ايس ايڇ او خيرپور نائن شاهه ۽ پوليس انچارج اسٽيشن گوزو منهنجي زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. بااثر ماڻهن کي سياسي شخصيتن جي به حمايت حاصل آهي، جنهن جي ڪري مختلف علائقن ۾ منهنجي خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا. پر مون کي انهن ڪيسن مان بري ڪيو ويو آهي ان کان علاوه ، در محمد مون ايڊيشنل سيشن جج ميهڙ جي عدالت ۾ ڪيس داخل ڪيو هو جنهن جو فيصلو منهنجي حق ۾ ٿيو آهي ان جي باوجود، بااثر ماڻهو مون کي مختلف طريقن سان تنگ ڪري رهيا آهن. اهي منهنجي خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪري مون کي تنگ ڪرڻ جاري رکي رهيا آهن. بااثر ماڻهو مون کي تنگ ڪرڻ لاءِ سياسي اثر رسوخ استعمال ڪري رهيا آهن. اهي پوليس کي استعمال ڪري رهيا آهن ۽ اهي پوليس ذريعي مون ۽ منهنجي خاندان تي حملو ڪري رهيا آهن. پوليس جي وردي ۾ ماڻهن گهرن تي حملو ڪيو آهي ۽ لکين رپين جو سامان کڻي ويا آهن. انهن چيو ته منهنجي خاندان جو ڪو به ميمبر کي نقصان ٿئي ٿو ته مٿي ذڪر ڪيل ماڻهو ان جا ذميوار هوندا. انهن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، سنڌ جي وڏي وزير ۽ سنڌ جي آءِ جي کي اپيل ڪئي آهي ته انهن کي قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 34

انصاف لاءِ دانهون ڪندي،وڊيو بيان ۾ قاتل جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو بيڪن هائوس ڪراچي جي مقتول پروفيسر علي مرتضيٰ جلباڻي جي بيواهه، سمره جلباڻي انصاف لاءِ روئي دانهون ڪندي نظر اچي رهي آهي. وڊيو بيان جاري قاتل جي جلد گرفتاري جو مطالبو ڪيو وڊيو ۾ سمره جلباڻي هٿ ٻڌي رڙيون ڪندي نظر اچي رهي آهي ۽ چئي رهي آهي ته "منهنجي مڙس کي 33 ڏينهن اڳ بي دردي سان قتل ڪيو ويو، پر قاتل اڃا تائين آزاد گهمي رهيو آهي. مان عدت ۾ هجڻ باوجود مقتول مڙس کي انصاف ڏيارڻ لاءِ ڀڄي رهي آهيان، پر انتظاميا بي پرواهه بڻيل آهي. منهنجا ٻار اڄ به پنهنجي پيءُ جي واپسيءَ جا منتظر آهن. پر مان انهن کي ڪيئن ٻڌايان ته هو قتل ٿي ويو آهي؟ منهنجو مڙس ته بيڪن هائوس جو پروفيسر هو، ٻارن کي شعور ڏيندڙ استاد هو، پر اڄ سندس روح انصاف لاءِ تڙپي رهي آهي

بقايا 35

مٿان داخل ٿيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي پاسي نوشهروفيروز پوليس پنهنجو موقف ٻڌايو ته اسد چانڊيو هڪ عادي ڏوهاري آهي جيڪو پوليس کي ڪيترن ۽ ڪيسن ۾ گهربل هئيو ڏوهاري ڀلي ڪيترو به طاقتور ڇو نه هجي هو پوليس جي گرفت کان بچي نه سگهندو

ڪاغذن جي گمشدگي

جيئن ته مان نالي امتياز ولد صدورو مل اوڊ منهنجي اسٽيٽ لائيف انشورنس پاليسي جا اصل ڪاغذ جنهن جو نمبر 502476217_2_4جا ڪاغذ گم ٿي ويا آهن جنهن ڪي به هٿ اچن ته هيٺين ايڊريس تي موڪلي ڏين. ايڊريس امتياز ڪلاٿ شاپ مگسي مارڪيٽ سونارا بزار سڪرنڊ موبائيل نمبر 03013582949

ڪاغذن جي گمشدگي

جيئن ته منهنجي جڳهه نمبر 70 ايراضي 1350 فٽ ايراضي گلشن داود ڪالوني ديهه 50 داد تعلقه نوابشاهه جا ڪاغذ 2024_12_28 تاريخ تي گم ٿيا آهن ڪي به ملن ته هيٺين ايڊريس ڏياري موڪلين.

المشتهر:نوال ڏي پير بخش لاشاري گلشن داود ڪالوني نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد

بقايا 01

نامعلوم چور هيٽ ڪيرائي ڪوائلون ڪڍي چوري ڪري فرار ٿي ويا ڳوٺاڻن جو احتجاج ايس ايس پي دادو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو: ان موقعي تي ڳوٺاڻن حاجي شوڪت آرائين، غلام فريد آرائين، دانيال آرائين، حشمت آرائين، پير الرحمان، محمد حنيف آرائين ۽ ٻين ميڊيا اڳيان ڏاهيندي ٻڌايو ته رات جو روز چوريون آهن جنهن جي اسان سڄي رات جاڳي گذارڻ تي مجبور آهيون ڪاٻه رات سڪون جي ننڊ نه ٿا ڪري سگهون ته ڪٿان وري چور ڳوٺ جي ٻاهران لڳل ٽرانسفارمر جي چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن جيڪو انتهائي افسوس جو عمل آهي هنن چيو ته بجلي تارون ۽ ٽرانسفارمر چوري ڪندڙ گروهه مسلسل گذريل ٽن مهينن کان سرگرم آهي پر پوليس جي پڪڙ کان چور آجا آهن جيڪا تعجب جي ڳالهه. ڳوٺاڻن ايس ايس پي دادو کان نوٽيس وٺي چورن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري چوري ڪيل ٽرانسفارمر واپس ڪرائي ڏيڻ جو مطالبو ڪيو.

بقايا 02

جنهن ۾ آبدار ۽ ڪينال ۽ سنڌ ۾ ٺهندڙ ڪينالن جي مسئلن تي ويچاريو ويو رپوٽ موجب آبدار ۽ ڪينال اسسٽنٽ ايسوسيشن جي سنڌ جي صدر غلام قمبر مري چيو آهي ته آبدارن جا مسئلا اسان جا مسئلا آهن انهي لاءِ تاريخ تي فيبروري بروز سومر ڏينهن صبح جو 10 وڳي دوڙ سب ڊويزن ۾ هڪ اهم گڏجاڻي رکي وئي آهي آبدارن کي ان گڏجاڻي ۾ وڏ کان وڏ شرڪت ڪرڻ گهرجي ۽ غلام قمبر مري آبدارن پائرون کي چيو ته هڪ ٻئي جا ٻانهن ٻيلي ٿيو هر هڪ جي مسئلي کي پنهنجو مسئلو سمجهي حل ڪريو وڏيڪ سنڌ جي آبدار ۽ ڪينال ايسوسيشن جي صدر غلام قمبر مري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جا مسئلا به سنڌ ۾ رهندڙن جا مثلا آهن سنڌو درياهه مان نڪرندڙ ڇهه ڪينالن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيو تا ان موقعي تي خادم حسين ڪوسو ۽ ميڊيا گروپ روهڙي سرڪل جي انچارج آبدار سومار سوڻهڙ چيو ته هر ميٽنگ ڪي پنهنجو سمجهي وڏ کان وڏ شرڪت ڪري پننجي ٻڌي جو ثبوت ڏيندا ڪريو

بقايا 03

لاڙڪاڻو ڪئمپس جو 19 هون ساليانو ڪانووڪيشن شهر جي مقامي هال ۾ ڪوٺايو ويو جنهن ۾ مهمان خاص وائيس چانسلر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر آصف احمد شيخ، بورڊ آف گورنرز جي ميمبر ظهير حسين شجرا ع، زيبسٽ جو وائيس پريزيڊنٽ ايڊمن ۽ ايڇ آر ڊاڪٽر امتيار قاضي، ڊين ايجوڪيشن اينڊ سوشل سائنسز ڊاڪٽر رياض احمد شيخ، هيڊ آف ڪئمپس ڊاڪٽر زاهده ابڙو، رجسٽرار ڊاڪٽر محمد عاقل، فئڪلٽي ميمبرن، شاگرد، شاگرديائين سندن والدين ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن شرڪت ڪئي. ڪانووڪيشن ۾ مختلف پروگرامن جي 177 گريجوئيٽس شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڊگريون ڏنيون ويون. ان موقعي تي وائيس چانسلر آءِ بي اي سکر يونيورسٽي آصف احمد شيخ ۽ ٻين طرفان نمايان ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندڙ 10 شاگردن ۽ شاگردياڻين انڊر گريجوئيٽس پروگرام ۾ بيچلر آف ايڊمنسٽريشن جي بشريٰ، بي ايس اڪائونٽنگ اينڊ فنانس جي آڪاش، بي ايس ڪمپيوٽر سائنس جي عبدالقادر، پوسٽ گريجوئيٽ پروگرام ۾ ماسٽر آف بزنس ايڊمنسٽريشن جي سعيده حقيق ۽ ماسٽر آف پروجيڪٽ مينيجمينٽ جي اسد الله سومرو کي سونا تمغا ڏنا ويا. جڏهن ته 5 شاگردن ۽ شاگردياڻين انڊر گريجوئيٽس پروگرام ۾ بيچلر آف بزنس ايڊمنسٽريشن جي جنت الفردوس، بي ايس اڪائونٽنگ اينڊ فنانس جي حبيب الله رحمان، بي ايس ڪمپيوٽر سائنس جي محمد حسنين، ماسٽر آف بزنس ايڊمنسٽريشن جي عائشه ۽ ماسٽر آف پروجيڪٽ مينيجمينٽ جي توفيق احمد کي چانديءَ جا تمغا ڏنا ويا. جڏهن ته 41 شاگردن ۽ شاگرديائين کي غيرمعمولي تعليمي ڪارڪردگي تي چانسلر جي آنر رول ۾ شامل ڪري اعزازن سان نوازيو ويو. بعد ۾ ڊگريون حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين کي حلف کڻايو ويو جن طرفان پنهنجون ٽوپيون هوا ۾ اڇلائي خوشيءَ جو اظهار پڻ ڪيو. ڪانووڪيشن کي خطاب ڪندي مهمان خاص وائيس چانسلر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر آصف احمد شيخ چيو ته تحقيق رڳو اعليٰ معيار وارن مقالن لاءِ نه هئڻ گهرجي پر حقيقي دنيا جي مسئلن جي حل لاءِ توڙي تحقيق کي محروم برادرين جي بهتري لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي، شاگردن کي سخت مارڪيٽ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي، ڪاميابي لاءِ صلاحيتن ۽ علم جو هجڻ ضروري آهي. منهنجو مقصد صرف پنهنجي يونيورسٽي کي اڳتي وڌائڻ نه پر ٻين يونيورسٽين جي به مدد ڪرڻ آهي ڇاڪاڻ يونيورسٽين جي وچ ۾ سهڪار سان تعليم کي هٿي ملندي. هن چيو ته مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اضافي محنت ڪرڻ ضروري آهي، جاپاني ماڻهو انگريزي نه ڳالهائيندا آهن پوءِ به ڪامياب آهن. چو ته انهن ۾ محنت ۽ ثابت قدمي آهي. هن چيو ته آءِ بي اي طرفان نئين ڪيمپس گهوٽڪي ۾ قائم ڪئي پئي وڃي، جتي غريب شاگردن لاءِ مڪمل مفت اسڪالرشپ ملندي. هن وقت آءِ بي اي ۾ اسڪالرشپ جو تعداد 350 کان 750 تائين وڌايو ويو آهي.

بقايا 04

علي پريس ڪلب پهچي جام نواز علي پريس ڪلب جي چونڊيل صدر حاڪم علي بلوچ ڪلب جي ٻين عهديدارن کي مبارڪون ڏنيون ان موقعي تي نواب جام ذوالفقار علي خان چيو ته هتان جي صحافين هميشه غريب مظلوم عوام جي حقن لاءِ ۽ انهن جي بنيادي مسئلن کي هائي لائٽ ڪري انهن کي حل ڪرائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي هن چيو ته سانگهڙ جي چوٽياري ٿاڻي جي حد ۾ جيڪي انساني جانين جو قتلام ٿيو آهي اُن تي انتهائي افسوس پهتو آهي ان جي واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا مقتولن جي وارثن سان انصاف ٿيڻ گهرجي ان موقعي تي نواب جام ذوالفقار علي خان پريس ڪلب جو دورو پڻ ڪيوان موقعي تي ساڻس گڏ محمد اسماعيل ڳاهو پڻ هئا

بقايا 05

ايسوسيئشن صوبائي سنڌ جي صدر بخش علي چاچڙ جي لاڙڪاڻي ڊائريڪٽر سيڪنڊري آفيس لاڙڪاڻو آمد جتي آپڪا ضلعي صدر امداد علي انڙ پاران سندس جو والهانه طور استعقبال ڪندي گلن جي ورکا ڪئي ۽ ڪيس سنڌ جي ثقافت اجرڪ پڻ پارايو. بعد ۾ آپڪا صوبائي صدر بخش علي چاچڙ ڊائريڪٽر سيڪنڊري سيد صفدر علي شاهه سان سان ملاقات پڻ ڪئي. ملاقات ۾ ڪلارڪن جي مسئلن تي پڻ ڳالهه ٻولهه وئي. ان کان اڳ آپڪا صوبائي پريس سيڪريٽري انيس عباسي، آپڪا ڊويزن لاڙڪاڻو جو اڳواڻ محمد ڪامل سرگاني به ڪيس سنڌ جي ثقافت اجرڪ پارايا

بقايا 06

علي چانڊيو , وسيم علي چانڊيو , دلبر چانڊيو ميهڙ پريس ڪلب ۾ ڏانهيندي ۽ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته باثر جوابدارن علي اصغر چانڊيو , امداد علي چانڊيو , سميع الله , ذوالفقار , احسان الله

چانڊيو ڳوٺ جي ڀاڙي جي سرڪاري گهٽي تي ڏاڍ جي زور تي گهرڻاهي قبضو ڪيو آهي اهڙي ڏانهن ڪٽي آسان مختيارڪار ميهڙ سان ملياسين جنهن چيو ته انڪروچمينٽ آفيس مان نقشو ڪڍرايو جيڪو نقشو ورتوسين پر جوابدار بااثر آهن ڌمڪيون ڏين ٿا هن چيو ته يوسي قاضي عارف جي چيئرمين قاضي واجد سان به اهڙي ڏانهن ڏني جنهن چيو ته ماڊل ڪورٽ ۾ ڪيس ڪيو جيڪو ڪيس اسان داخل ڪيو پر مختيارڪار ميهڙ رشوت وٺي ماڊل ڪورٽ کي غلط رپورٽ پيش ڪئي جنهن بعد اسان جو ڪيس خارج ڪيو ويو هنن چيو ته 25 جنوري تي پلاٽ جي آڳر تي قبضي جي ڀيهر ڪوشش ڪئي ۽ آسان جي گهر جو لوڙهو ۽ گهر جي وڻ کي باهه ڏني وئي جنهن جي اين سي به داخل ڪئي آهي هنن چيو ته ڳوٺ جي گيٽ کان وٺي مسجد ۽ فريدآباد روڊ تائين 5 فوٽ به نه بچيا آهن قبضي سبب گندو پاڻي روڊ تي بيهي وڃي ٿو هنن چيو ته جيڪڏهن آسان جي خاندان جي ڪنهن ماڻهو کي نقصان پهتو ته ان ذميوار مٿيان جوابدار هوندا هنن وزيراعلي سنڌ , ڊي سي دادو , ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته بااثر جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري گهٽي تان قبضو ختم ڪرائي اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 07

مورو جي عدالت سگهوريءَ ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو جڏهن ناري حرمت جيسر ۽ سندس مڙس امجد علي جيسر تحفظ لاءِ پريس ڪلب ٺاروشاهه پهتا جتي هنن صحافين اڳيان ڏانهيندي چيو ته اسان راز خوشيءَ سان عدالت سگهوري ۾ پيار پرڻو ڪيو آهي ناري حرمت جيسر چيو ته بابا الهڏتو جيسر چاچا حنيف جيسر ۽ ٻين جي چرچ تي جان جا دشمن ٿي ويا آهن ۽ موتمار ۽ سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هن ايس ايس پي نوشهروفيروز ڊي ايس پي مورو سميت وس وارن کي اپيل ڪندي چيو ته منهنجي مڙس امجد جيسريا سندس عزيزن کي مارڻ ۽ ڳرا نتيجا ڀوڳڻ سميت ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن

بقايا 08

جي ايصال ثواب جي خاطر سندس وارثن پٽن سيد حسين شاهه , سيد ارشاد علي شاهه , سيد هاشم علي شاهه طرفان سندس والد کي روح کي ايصال ثواب لاءِ پهرين ساليانو عرس تقريب منعقد ڪئي وئي , تقريب ۾ نالي واري عالم مفتي عبيدالله ڏاهري , مولانا محمد رمضان ٻرڙو , مولانا سيد حبيب شاهه حسيني , مولانا اقبال شاهه راشدي , ۽ مشهور نعت خوانن سيد شهنشاهه سبزواري , وڪيل احمد پنهور , محمد اسحاق رستماڻي , حافظ عابد علي لاشاري , حافظ عابد علي ٻبر , فدا حسين ڪرمي , اگوڻي ضلعي ڪائونسل ميمبر الهه رکيو عباسي , محمد اقبال چارڻ سردار غلام حيدر برهماڻي , علي خان جمالي , مهران تگڙ , ظهيراحمد ٻبر , انصاف نائچ سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن شريڪ ٿيا , ان موقعي تي خصوصي خطاب مفتي عبيدالله ڏاهري عرس جي محفل ۾ شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي چيو آهي ت مرحوم سيد بخش علي شاهه لڪياري سيد سعادات اهلسنت جو اڳواڻ هو جن سڄي زندگي دين لاءِ خدمت ڪئي جن جون دين لاءِ ڪيل خدمتون ساراه جوڳيون هيون جن کي ڪڏهن ب وساري نٿو سگهجي , سنڌ صوفين بزرگ اوليائن جي ڌرتي آهي جن سنڌائين امن پيار محبت پائيچارو جو درس ڏنو آهي هن وڌيڪ چيو ت نبي ڪريم صلي الله عليه ۽ سندس خاندان دين اسلام کي اجاگر ڪرڻ سندس جي دين لاءِ لازوال قربانيون ڏئي امرٿي ويا شهيد هميشه زنده آهن

بقايا 09

الزهره ميڊيڪل سينٽر پاران ڊاڪٽر سيده عصمت زهره شاهه جي نگراني ۾ لڳايل به روزا اکين جي مفت ڪئمپ اختتام پذير ٿي جنهن ۾ 550 کان مٿي اکين جي مريضن جو آپريشن ڪري انهن کي اعلي ڪوالٽي جا لينس لڳا ويا جڏهن ته 1700 کان مٿي مردن عورتن ۽ ٻارن جي اکين جو چيڪ اپ ڪري انهن کي اکين جا ڊراپس ۽ چشما ڏنا ويا اکين جي ماهر ڊاڪٽر پروفيسر عارف رباني ڏاهري پنهنجون خدمتون سر انجام ڏنيون هن ڪئمپ ۾ مختلف سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين ڊاڪٽرن استادن شاگردن صحافين سميت هر مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي مورو جي صدر سيد ڪاظم علي شاهه ميونسپل ڪاميٽي مورو جي چيئرمين نذير احمد ميمڻ ڊاڪٽر روشن الدين سومرو ڊاڪٽر عبدالڪريم ڏاهري شاهه لطيف ۽ ٻين ڪئمپ جي وزٽ

بقايا 10

مگريو جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب اڳيان 483 ڏينهن به سندس وارثن احتجاجي ڪئمپ تي احتجاج جاري رکيو. احتجاجي ڪيمپ تي نينگر جي وارثن زاهد حسين مگريو غلام حسين مگريو اعظم مگريو محمد علي، احمد علي مگريو سعيد مگريو جو چوڻ هو ته 483 ڏينهن لڳاتار احتجاج ڪرڻ باوجود اسان جي نينگر علي اصغر مگريو کي پوليس بازياب ناهي ڪرائي سگهي، هنن چيو ته ايس ايس پي سکر سميت ڪوبه ڏانهن ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي، 2015 ۾ سکر ايوب گيٽ وٽان علي اصغر مگريو کي اغوا ڪيو ويو ملوث بااثر ماڻهن جي نشاندهي به ڪئي اٿئون پر پوليس هن وقت تائين نينگر کي بازياب ڪرائي ناهي سگهي، هنن مطالبو ڪيو ته اسان جي نينگر کي بازياب ڪرايو وڃي.

بقايا 11

خداآباد ۾ ملهائي وئي، جنهن ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ۽ سنڌي ادبي سنگت جي ساٿين، شهرين ۽ مختلف مڪتب فڪرجي ماڻهن شرڪت ڪئي. هن گڏجاڻي جي صدارت پروفيسر خالد حسين چنا وائيس چيئرپرسن سگا ڪئي. جڏهن ته اعزازي مهمان پروفيسر بخش علي چانڊيو ڊپٽي سيڪريٽري جنرل، نور محمد سيال سيڪريٽري ماليات، شهاب الدين شاهاڻي سيڪريٽري ثقافت، احمد حسن پنهور سيڪريٽري اطلاعات، ميمبر مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽي پيرل خان ڪوسو، محمد اعظم ميمڻ ۽ مهمانن ۾ رفيق احمد سرهيو اڳوڻو مرڪزي اڳواڻ سگا، محمد سڪندر علي جهتيال جنرل سيڪريٽري سگا قلجي اسٽيشن شاخ، پروفيسر رياض احمد چانڊيو سگا قل شاخ، غياث الدين شاهاڻي صدر سگا ڪاڇو شاخ، رفيق احمد ميمڻ سگا پان سيدآباد شاخ، محمد ابراهيم پنڊ، نبي بخش منگنيجو ۽ سنڌي ادبي سنگت جي جن سائين نور محمد سومرو، نظير نياز جويو سجاد يوسف سومرو سيڪريٽري ساس دادو، ڪبير ڀٽ ۽ ٻين شرڪت ڪئي. پروگرام جي ڪاروائي خالد جميل پنڊ صدر سگا شاخ خداآباد هلائي. قرآن پاڪ جي تلاوت جي سعادت الهبچايو پنهور حاصل ڪئي. قل شريف پڙهي سائين جي ايثال ثواب لاءِ دعا گهري وئي ۽ پير بخش جلباڻي شاهه صاحب جا بيت ٻڌايا. جڏهن ته عاشق دادوي شاعري ٻڌائي گڏجاڻي ۾ ڀرپور داد حاصل ڪيو ۽ ذوالفقار علي چانڊيو جنرل سيڪريٽري آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا. مقررن پنهنجي تقريرن ۾ چيو ته سائين نظير احمد پنڊ متحرڪ ۽ بي مثال رضاڪار هيو. جيڪو ڏينهن رات پنهنجي ماڻهن سان محبت ڪندو هو سگا ۾ رهندي هن تعليم ۽ صحت لاءِ تمام ڳهٽيون خدمتون سر انجام ڏنيون. هن جو ڪردار نه وسرڻ جهڙو آهي، هو هر ڪنهن کي سچ منهن تي چئي ڏيندو هو سگا جي مرڪزي قيادت چيو ته ڪوشش ڪري سندس ايندڙ ورسي تي هڪ شاندار تاثراتي ڪتاب آڻبو آخر ۾ سڀني سائين گڏجي سندس قبر تي گل رکيا ۽ قل شريف پڙهي سندس ايثال ثواب لاءِ دعا گهري.

بقايا 12

. ان سلسلي ۾ سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه ۽ ورلڊ فوڊ پروگرام (WFP)جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ڪوڪو اوشي ياما (Ms. Coco Ushiyama) وچ ۾ ٿيندڙ ملاقات دوران سرڪاري اسڪولن جي ٻارڙن ۾ غذائيت جي کوٽ ۽ خوراڪ سان لاڳاپيل مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، اسڪول ايجوڪيشن ڪاتي جي ڪراچي آفيس ٿيندڙ ملاقات ۾ اسڪول ايجوڪيشن سيڪريٽري زاهد علي عباسي ۽ ٻين عملدارن به شرڪت ڪئي. ان موقعي تي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه چيو ته گهريلو وسيلن جي کوٽ ۽ وڌندڙ آبادي سبب ڪيترائي والدين پنهنجن ٻارن کي مناسب خوراڪ مهيا ڪرڻ کان قاصر آهن. جنهن جو اثر سندن ٻارڙن جي سکيا جي صلاحيت تي پوي پڻ ٿو هن وڌيڪ چيو ته هيءُ پروگرام خاص طور تي انهن علائقن ۾ شروع ڪرڻ چاهيون ٿا، جتي غربت وڌيڪ آهي ۽ ٻارڙا غذائي جي کوٽ جو شڪار آهن. تعليم واري وزير وڌيڪ وضاحت ڪندي چيو ته سرڪاري اسڪولن ۾ باقاعده ڪاڌي جي فراهمي سان نه صرف اسڪول ڇڏڻ جي شرح گهٽبي، پر حاضري ۾ به سڌارو ايندو. ان کان علاوه، جيڪي خاندان پنهنجن ٻارن کي محنت مزدوري لاءِ موڪلڻ تي مجبور آهن. اهي به پنهنجن ٻارڙن کي اسڪول موڪلڻ تي ترجيح ڏيندا. ان موقعي تي WFPجي ڪنٽري ڊائريڪٽر ڪوڪو اوشي ياما به پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته متوازن خوراڪ ٻارن جي ذهني واڌ ويجهه ۽ ياداشت کي بهتر بڻائي ٿي، جنهن سان سندن سکيا جي صلاحيت وڌي ٿي. هن وڌيڪ چيو ته اسڪول ۾ هڪ ويلو بهتر کاڌو ملڻ سان ٻارن جي مدافعتي نظام بهتر بهتر ڪرڻ ۾ هٿي ملندي جنهن سان هو مختلف بيمارين کان پڻ محفوظ رهي سگهندا. صوبائي وزير سردار علي شاهه پروگرام شروع ڪرڻ لاءِ معياري ڪاڌي جي فراهمي تي زور ڏيندي چيو ته معياري غذا کي يقيني بڻائڻ هن پروگرام جي پهرين ترجيح هجڻ گهرجي، اجلاس ۾ اسڪولن ۾ خوراڪ جي فراهمي جي فيصلي موجب ٻڌايو ويو ته پروگرام جو پهريون مرحلو ڪراچي جي ملير ضلعي مان شروع ڪيو ويندو جتي اسڪولن ۽ پرپاسي جي علائقن جو بنيادي سروي پڻ ڪيو ويندو. هن منصوبي جي شروعاتي مرحلي ۾ 11,000 ٻارن کي "هاٽ ميل لنچ بڪس" فراهم ڪيا ويندا. پروگرام جي پهريون سال پورو ٿيڻ بابت نتيجن ۽ اڳڀرائي جي بنياد تي ان کي ٻين شهرن جي سرڪاري اسڪولن تائين به وڌايو ويندو. گڏوگڏ اسڪولن ۾ خوراڪ جي فراهمي واري نظام کي اثرائتي طريقي سان مانيٽرنگ به ڪئي ويندي ته جيئن ڪاڌي جي معيار ۽ غذائي قدرن کي يقيني بڻائي سگهجي. ان موقعي تي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه. WFP جي ڪنٽري ڊائريڪٽر کي چيو ته ڪاڌي جي معيار کي برقرار رکڻ لاءِ هڪ مؤثر ميڪينزم تيار ڪيو وڃي، ته جيئن ٻارن جي غذائيت ۽ صحت جي بهتري لاءِ جوڙيل هي پروگرام لاڀائتو ثابت ٿي سگهي.

بقايا 13

سماجي هم آهنگي ۽ ثقافتي ورثي کي هٿي ڏيڻ لاءِ پنهنجا خيال پيش ڪيا. سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ سيڪريٽري اطلاعات نديم الرحمان ميمڻ، ڊي جي اطلاعات سليم خان، ڊائريڪٽر فلمز حزب الله ميمڻ، سارنگ لطيف چانڊيو، جڏهن ته بورڊ ميمبرن قاضي اسد عابد، ورده سليم اذان سميع خان، نمرا ملڪ، زالي سرحدي، حسن اصغر نقوي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ انتهاپسندي ۽ منفي عنصرن کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ تعميري بيانيي کي هٿي ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ويو. اجلاس دوران، بورڊ ميمبرن ڪيترن ئي پريزنٽيشنز جو جائزو ورتو ۽ ذميوار مواد جي حوصلا افزائي ڪرڻ جي طريقن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس جي موقعي تي ڳالهائيندي، سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ميڊيا انڊسٽري کي هڪ تعميري ۽ مثبت معاشري جي تعمير ۾ هڪ طاقتور ڪردار ادا ڪرڻو آهي. اسان کي اثرائتي ۽ ذميوارائي مواد جي تخليق ذريعي انتهاپسند بيانئي ۽ منفيت جو فعال طور تي مقابلو ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته اسان جو مقصد سماجي هم آهنگي لاءِ خطرو بڻجندڙ تفرقا پيدا ڪندڙ ڌرين جي حوصلا شڪني ڪندي اتحاد، حب الوطني ۽ ثقافتي شعور کي هٿي ڏيڻ ۽ فلمن، ڊرامن ۽ ڊجيٽل مواد ذريعي سنڌ جي ثقافتي گوناگوني ۽ ورثي کي اجاگر ڪرڻ آهي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت جو مقصد ميڊيا هائوسز، فلمسازن ۽ ڊجيٽل پليٽ فارمن سان گڏجي مثبت پيغام پهچائڻ لاءِ سهڪار ڪرڻ آهي.

بقايا 14

ٽاٽي تي مگسي برادري جي عبدالرزاق غلام حسين مگسي منظور مثل رفيق ساجن مگسي ٻين مٿان ۽ هڪ نامعلوم سميت 12 ڄڻن مٿان قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڪوسا برادري جي ماڻهن فوتي جي پاءِ ديدار ڪوسو جي اڳوائي ۾ ڪوسا برادري جي مردن، ٻارن عورتن پاران سٽي هوٽل پرسان انڊس هاءِ وي ڪان رات جي ڌرڻي بعد ڀيهر مقتول برڪت ڪوسو جو ڊاڪٽسن ۾ لاش رکي احتجاج ڪري ٽائرن کي باهيون ڏئي ڌرڻو هنيو ويو آهي. ڌرڻي سبب انڊس هاءِ وي تي ٻنهي طرفن کان گاڏيون بيهي ويون جنهن سبب مسافر سخت پريشان لڳا پيا آهن احتجاج ڪندڙن چيو آهي ته پوليس مگسي برادري جي ترٻٽيل آهي رات پوليس اسان کي آسرو ڏئي روڊ کولرايو پر مگسي برادري جي گهرن تي چڙهائي نه ڪئي آهي ۽ نه ئي جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن. هنن مطالبو ڪيو ته اسان جو مگسي ڪوسا زميني تڪرار سان واسطو ناهي اسان جو مطالبو آهي ته قاتل جوابدارن جا گهر ڊاهي ڪيس ۾ نامزد جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي، هنن چيو ته جيسيتائين جوابدار گرفتار نه ٿيندا اسان جو ڌرڻو جاري رهندو. هوڏانهن جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي ڏاڏا اطهر سومرو ۽ ٻين ڌرڻي واري هنڌ پهچي وارثن سان ايڪتا جو اظهار ڪيو. صنعان خان قريشي چيو ته سنڌ جي هر ضلعي ۾ قبيلائي تڪرار سبب هر ضلعي ۾ باهه ٻريل آهي ماڻهو بي يارو مددگار بٽيل آهن ٻئي طرف سنڌو درياهه مان 6ڪئنال ڪڍي سنڌ کي بنجر بڻائڻ جو پلان جوڙيو پيو وڃي ميهڙ ۽ سانگهڙ ۾ جنازا روڊن تي پيل آهن مان آءِ جي سنڌ کان گهر پيو ڪريان ته ميهڙ جي برڪت ڪوسو جا قاتل گرفتار ڪري وارثن سان انصاف ڪيو وڃي وارثن پاءِ ديدار ڪوسو جي اڳوائي ۾ سوين ڪوسا برادري جي ماڻهن انڊس هاءِ وي تي مقتول جو لاش رکي ڌرڻو هنيو ويو جيڪو 8 ڪلاڪن بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو

بقايا 15

ناڪامي تي مايوس عورت ڪراچي ايئرپورٽ تي گوڙ ڪيو، عورت کي جهاز ۾ سوار ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ اڏام 36 منٽ دير جو شڪار ٿي وئي. 33 ورهين جي اونيجا اينڊريو رابنسن آمريڪا واپسي کان انڪار ڪري ڇڏيو هن ڪراچي ايئرپورٽ تي گوڙ ڪيو ۽ جهاز ۾ سوار ٿيڻ کان ٺپ جواب ڏنو. ايئرپورٽ ذريعن موجب عورت اڳ ۾ اميگريشن ڪرائڻ کان انڪار ڪيو ۽ پوءِ ڊپارچر لائونج ۾ جهاز ۾ سوار نه ٿي ۽ بهانا ڪري آمريڪا واپسي کان لنوائيندي رهي. پوليس ۽ ايئرپورٽ سيڪيورٽي عورت کي حفاظتي تحويل ۾ ڊپارچر لائونج تائين پهچايو ايئرلائن ذريعن موجب عورت کي زبردستي جهاز ۾ سوار ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ اڏام 36 منٽ دير جو شڪار ٿي وئي، ايس او پيز سبب ڪنهن به مسافر کي زبردستي اڏام ۾ سوار نٿو ڪرائي سگهجي. واضح رهي ته اونيجا اينڊريو رابنسن 11 آڪٽوبر تي هتي پهتي هئي، هوءِ ٻن ٻارن جي ماءُ آهي. جڏهن ته 19 ورهين جي نوجوان ساڻس شادي کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. هوءَ ڪيترو ئي عرصو دربدر رهي پر جڏهن سندس واپسي جو انتظام ڪيو ويو ته هن وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

بقايا 16

پرسان موٽروي جي لوڪيشن نمبر 450 تي پنوعاقل کان ڪشمور شادي تي ويندڙ ڄڃ سان ڀريل ڊوم گاڏي ٽائر برسٽ ٿيڻ سبب ڪلٽي ٿي وئي، جنهن سبب مائي امتياز، منظوران، طوبيٰ، صدرا، انعم، طيب، معصوم نينگري ڪشمالا، عذرا پٽي، انايا ڪلوڙ ۽ پيا زخمي ٿي پيا، جن کي تعلقه اسپتال منتقل ڪيو ويو.

بقايا 17

مڪمل ٿيڻ ڪراچي جي شهرين، مڇيرن ۽ آئل مارڪيٽنگ ڪمپنين لاءِ بلديه عظميٰ ڪراچي جو بهترين تحفو آهي. هن شاهراهه جي ذريعي پوري پاڪستان ۾ آئل ٽرمينل مان تيل جي ترسيل ڪئي ويندي آهي ۽ مڇي مارڪيٽ لاءِ به هي هڪ اهم مرڪز آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت علائقي جي هن اهم ضرورت جي نظر ۾ رکندي 134 ملين رپين کان وڌيڪ لاڳت سان ماڙيپور ٽائون کان صدر ٽائون تائين روڊ جي تعمير مڪمل ڪئي آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي پنهنجي چيئرمين بلاول ڀٽو جي ڏنل نئين سوچ سان ماڻهن جي خدمت ڪري رهي آهي، جيڪا امير، غريب ۽ خاص و عام جي فرق کانسواءِ شهرين جي بهبود لاءِ ڪم ڪرڻ تي زور ڏئي ٿي. هن اها ڳالهه اربع ڏينهن ضلعي ڏکڻ ۾ چائنا گيٽ ڪياماڙي کان اينڊ پوائنٽ تائين تعمير ٿيل روڊ جي افتتاحي تقريب دوران ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد، قومي اسيمبلي جو ميمبر آصف خان، ٽائون چيئرمين همايون خان، سٽي ڪائونسل ۾ ڊپٽي پارليامانى ليڊر دل محمد، يو سي چيئرمين ۽ سٽي ڪائونسل ڪراچي جا ٻيا ميمبر به موجود هئا. ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته اڄ بلديه عظميٰ ڪراچي طرفان عوام لاءِ هڪ نئين صبح سان گڏ هڪ نئون منصوبو پيش ڪيو پيو وڃي. اسان هتي سنگ بنياد رکڻ يا رڳو اعلان ڪرڻ لاءِ ناهيون آيا، پر هي روڊ مڪمل تعمير ڪرڻ بعد عوام جي حوالي ڪرڻ آيا آهيون. جيڪو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اسان رڳو ڳالهين تي نه، پر عملي ڪم تي يقين رکون ٿا. هن چيو ته ڪجهه مهينا اڳ هتي ڪو روڊ موجود نه هو ۽ ماڻهو ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين ٽريفڪ جام ۾ ڦاٿل رهندا هئا. جڏهن ته هي اها شاهراهه آهي. جيڪا اسان جي مڇيرن جي گذرگاهه آهي، ۽ هتان ئي ملڪ ۾ تيل جي ترسيل ٿيندي آهي. ان ڪري پيپلزپارٽي جي مقامي تنظيم ۽ سائين جي مشوري تي هن علائقي کي شهر جي ٻين علائقن سان ڳنڍڻ لاءِ متبادل رستي تي ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. جنهن تي تيزي سان ڪم ڪري اڄ ان کي مڪمل ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جا سڀئي ڪارڪن، چاهي هو ميئر هجن، ڊپٽي ميئر، قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر، ٽائون چيئرمين يا يو سي چيئرمين، سڀئي هن شهر کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. ۽ اسان جو واحد مقصد آهي ته موجود وسيلن کي عوام جي بهبود لاءِ استعمال ڪجي. هن چيو ته ضلعي ڪياماڙي ۽ ضلعي ڏکڻ کي ڳنڍيندڙ هن اهم ترين روڊ جي مڪمل ٿيڻ سان نه رڳو ماڳي مڇيءَ جي صنعت کي هٿي ملندي، پر ڪياماڙي آئل ٽرمينل مان ملڪ اندر تيل جي فراهمي جو عمل به تيز ۽ بهتر ٿيندو. جنهن سان ملڪ جي معيشت کي به فائدو ٿيندو. ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت هيٺ بلديه عظميٰ ڪراچي شهر جي سڀني ضلعن ۾ هڪجهڙي رفتار سان ترقياتي ڪم ڪري رهي آهي، ته جيئن شهرين جا مسئلا جلد کان جلد حل ٿي سگهن. هن سال دوران ڪراچي جي شهرين کي سڀني ضلعن ۾ ترقياتي ڪم نظر ايندا ۽ ترقياتي عمل بهترين نموني جاري رهندو

بقايا 18

گلشن شهيد اسلام جامعه اسلاميه اشاعت القرآن والحديث دوڏائي روڊ لاڙڪاڻو ۾ دستار فضيلت ڪانفرنس، سالانه سعيد ختم بخاري ۽ دستاربندي جي تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ 11 مفتيان ڪرام، 62 علماءِ ڪرام، 113 حفاظ ڪرام جي دستاربندي ڪرائي فارغ التحصيل طلباءِ ڪرام ۾ اسناد ۽ انعام ورهايا ويا جنهن ۾ جميعت علماءِ اسلام سنڌ جي امير درگاهه هاليجي شريف جي سجاده نشين سائين مولانا عبدالقيوم هاليجوي، صوبائي سيڪريٽري جنرل مولانا راشد خالد محمود سومرو، جامعه جي مهتمم مولانا ناصر خالد محمود سومرو، درگاهه پير شريف جي سجاده نشين سائين مولانا عبدالمجيب قريشي، مولانا السنڌي محمد ادريس سومرو، مولانا زاهد الحسيني، درگاهه امروٽي شريف جي سجاده نشين مولانا سراج احمد امروٽي، مولانا سيد احمد شاهه، مولانا مسعود احمد سومرو، ڊاڪٽر محمد علي فاروقي، مولانا طاهر خالد محمود سومرو، مولانا طارق خالد محمود سومرو، مهدالخليل مولانا محمد مدني شرڪت ڪئي. جڏهن ته صيح البخاري جو آخري درس شيخ الحديث رئيس الفتاءِ مولانا مفتي غلام رسول عباس ڏنو. دستار فضيلت ڪانفرنس کي خطاب ڪندي جميعت علماءِ اسلام سنڌ جي سيڪريٽري جنرل مولانا راشد خالد محمود سومرو ۽ مولانا ناصر خالد محمود سومرو چيو ته اسان پنهنجي شهيد والد جي مشن کي زنده رکيو آهي، پوئتي نه پر اڳيان وڌيڪ اڳتي کڻي ويا آهيون. الله رب العزت اسان کان وڌيڪ دين اسلام ۽ ملڪي استحڪام جو ڪم وٺي

بقايا 19

جي گهر سامهون فائرنگ ٿئي ٿي ته فوري طور تي نامزد ڪيل ماڻهن تي ايف آئي آر داخل ڪئي وڃي ٿي، جڏهن ته ٻي طرف چوٽيارين سانگهڙ ۾ فائرنگ سبب قتل ٿيندڙ 3 ماڻهن جا وارث سانگهڙ پريس ڪلب تي چار ڏينهن کان وڌيڪ سخت سيءَ ۾ عورتن ۽ ٻارن ٻچن سميت ڌرڻو هنيو آهي، پر ڪو به انهن جي داد فرياد ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. اهڙي افسوسناڪ حالت هن ڳالهه کي ثابت ڪيو آهي ته هتي به پاڪستان آهن ۽ غريبن ۽ اميرن لاءِ الڳ الڳ قانون آهي. هن اڄ هڪ بيان ۾ چيو ته ڏاڙيل راڄ، قبيلائي جهيڙن وانگر ظالم وڏيرا شاهي پڻ سنڌ لاءِ هڪ ناسور بڻجي وئي آهي، ۽ انهن سڀني کي پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت جي سرپرستي حاصل آهي. ناظم جوکيو، صحافي نصرالله گڏاڻي کان وٺي تازو سانگهڙ جي المناڪ واقعن تائين، قاتلن جا نشان ۽ الزامات انهن ئي طرف ويندا آهن. صوبائي امير گهر ڪئي ته سانگهڙ واقعي جي ايف آئي آر متاثرن جي مرضي مطابق داخل ڪئي وڃي ۽ تحقيقات ڪري متاثرن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.#

بقايا 20

ڪمپاٽي رجسٽرار ڊاڪٽر مشتاق علي جاريڪو سان گڏ بوائز هاسٽلن جو دورو ڪيو ۽ هاسٽلن ۾ صفائي، سيوريج لائنن، واش رومز، ڪينٽينز ۽ شاگردن کي فراهم ٿيندڙ پيئڻ جي پاڻي جو جائزو ورتو. وائيس چانسلر جڏهن هاسٽلن جي مک دروازي تي پهتو ته پرووسٽ ڊاڪٽر پسند علي ڪوسو، ڊائريڪٽر ڪيمپس سيڪيورٽي ڊاڪٽر غلام ثاقب ٻرڙو، ڊپٽي پرووسٽ (ايڊمن) عبدالحميد مهيسر، ڊپٽي پرووسٽ (اڪيڊمڪ) ڊاڪٽر نياز علي ڀٽو، ايڊمن آفيسر هاسٽل تسليم مرزا، ڊائريڪٽر اسٽوڊنٽس افيئرز ڊاڪٽر محمد يونس لغاري ۽ ٻين اهم شخصيتن سندس استقبال ڪيو. ڊاڪٽر ڪمپاٽي سڀ کان پهريان بلاڪس هاسٽل جو دورو ڪيو، جنهن کانپوءِ هو علامه اقبال هاسٽل، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هاسٽل ۽ انٽرنيشنل هاسٽل جو دورو ڪيو، جتي هن صفائي سٿرائي نظام جو جائزو ورتو ۽ خاص طور واش رومز ۽ پيئڻ لاءِ پاڻي فراهم ڪندڙ ڪولرز جو معائنو ڪيو. هن پرووسٽ کي هاسٽلن ۾ ڊسپنسري بحال ڪرڻ، هاسٽل ٽائمنگ صبح 6 کان رات 12 تائين رکڻ ۽ هاسٽلن ۾ ٽڪ شاپ کولڻ جو حڪم ڏنو ته جيئن شاگرد رات جو دير سان ٻاهر وڃڻ کان سواءِ ضروري شيون خريد ڪري سگهن. ان موقعي تي پرووسٽ ڊاڪٽر پسند علي ڪوسو وائيس چانسلر کي هاسٽلن ۾ جاري صفائي واري ڪم بابت آگاهه ڪيو ۽ چيو ته هو خوش آهي ته ڊاڪٽر ڪمپاٽي پاڻ هاسٽلن جو دورو ڪيو ۽ هاسٽلن ۾ موجود انفراسٽرڪچر ۽ فرنيچر وغيره جو جائزو ورتو. بعد ۾ وائيس چانسلر ڊاڪٽر ڪمپاٽيءَ پاڻي جي پمپنگ اسٽيشن تي پهتو ۽ ڪي بي فيڊر کان پاڻي جي فراهمي جو جائزو ورتو هن چيو ته پاڻي جي گهٽتائي جو مسئلو حل ٿيڻ وارو آهي، جنهن بعد فزيڪل ڪلاسز جلد شروع ڪيا ويندا

بقايا 21

معرفت داخل درخواست تي سيشن ڪورٽ ۾ ٻڌڻي تي گذري لاڳاپيل ادارن سيپڪو ايس ڊي او پيش ٿيو ۽ لوڊشيڊنگ شيڊول جو جواب جمع ڪرايو ويو. روينيو ڪاتي وارا پڻ پيش ٿيا جڏهن ته ميونسپل جو عملو عدالت مان غير حاضر رهيو جڏهن ته ٻڌڻي 12 فيبروري تائين ملتوي ڪئي وئي سکر جي علائقي ڪڙي ڪوارٽر پراڻي سکر جي رهواسي سماجي ورڪر محمد نعيم سومرو جي شڪايت تي ايڊووڪيٽ پير امداد جهنڊير پاران عدالت ۾ داخل ڪرايل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي گذري . سکر جي گنجان آبادي واري علائقي ۾ پاڻي جي کوٽ ۽ جي خراب پاڻي ۽علائقي ۾ گند ڪچرو نالين جو وهندڙ پاڻي روڊن تي بيٺل گندي پاڻي جا تلاءُ نالي جو پاڻي واٽر سپلائي لائين ۾ اچڻ ۽ رولو ڪٽڻ جو معصوم ٻارن کي ڌاڙهڻ ۽ علائقي ۾ جڳهه جڳهه ڪوٽيل ڪڏا انساني جانين سان کيڏ ڪيڏڻ بابت ۽ خراب ٿيندڙ حالتن بابت مسئلو ٻڌو ويو لوڊشيڊنگ جي شيڊول جي مطابق جواب تحريري جواب داخل ڪرايو ويو. لاڳاپيل روينيو آفيسر پڻ پيش ٿيا. ميونسپل ڪارپوريشن ڪاتي جا عملدار عدالتي ٻڌڻي مان غير حاضر هئا. عوام ۽ مقامي رهواسين پاران درخواستون پڻ داخل ڪيون ويون. ان دوران پاڻي جي کوٽ ۽ علائقي ۾ اڪثر مسئلن جي ڪري، لاڳاپيل آفيسرن ۽ ٻين جي لاپرواهي ۽ لاپرواهي جي ڪري علائقي جا رهواسي پريشاني ۾ رهڻ تي مجبور آهن. ..

بقايا 22

جڄن پنهنجي عهدي جو حلف کڻي ورتو ايڊيشنل جڄن جي حلف برداري تقريب سنڌهاءِ ڪورٽ جي ڪانفرنس روم ۾ ٿي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ايڊيشنل جڄن کي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس محمد شفيع صديقي قسم کڻايو. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ايڊيشنل جڄن جي مدت هڪ سال لاءِ آهي، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ايڊيشنل جڄ ۾ جسٽس محمد حسن اڪبر، جسٽس فيض الحسن شاهه جسٽس خالد حسين شاهاڻي، جسٽس ميران محمد شاهه جسٽس تسليم سلطانه. جسٽس رياضت علي سحر، جسٽس عبدالحميد برڙي، جسٽس جهان علي جوڻيجو جسٽس نثار احمد ڀنبرو، جسٽس علي حيدر ادا، جسٽس محمد عثمان علي هادي ۽ جسٽس محمد جعفر رضا شامل آهن. حلف برداري تقريب سنڌ هاءِ ڪورٽ جي سينئر جڄ جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو، جسٽس صلاح الدين پنهور، جسٽس اقبال ڪلهوڙو، آئيني بينچ جي سربراهه جسٽس ڪي ڪي آغا، جسٽس عدنان چوڌري سميت ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جڄ به موجود هئا. تقريب ۾ سنڌهاءِ ڪورٽ جي رجسٽرار سهيل لغاري، سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جو صدر سرفراز ميتلو ڪراچي بار جو صدر عامر نواز وڙائيچ. سنڌ بار ڪائونسل جو وائيس چيئرمين ڪاشف حنيف، اختر حسين سميت ٻين سينئر وڪيلن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. سنڌ هاءِڪورٽ ۾ هن وقت 28 مستقل جڄ آهن. 12 ايڊيشنل جڄز کان پوءِ هاڻ سنڌ هاءِڪورٽ ۾ جڄز جو تعداد 40 ٿي ويو آهي.

بقايا 23

ميمبر ايڊووڪيٽ عبدالستار لهراڻي جي گهر تي پوليس جي بلاجواز چڙهائي ڪرڻ ۽ اتي ٽيوشن ڏيندڙ استادن ۽ شاگردن کي حراسان ڪرڻ خلاف ڊسٽرڪٽ بار نوشهرو فيروز جي سڏ تي ضلعي جي عدالت سميت 5 ئي تعلقن ۾ وڪيلن عدالتي ڪاروهنوار جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج ڪيو ۽ جديشل ڪامپليڪس کان ريلي ڪڍي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر عبدالستار لهراڻي چيو ته اسان هڪ پڙهيل لکيل خاندان جا 15 وڪيل آهيون. اسان جي گهرن تي پوليس چڙهائي ڪري اتي موجود اسان جي ٻارن کي ٽيوشن ڏيندڙ استادن ۽ شاگردن سان بدتميزي ڪئي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا ۽ گهر ڪيون ٿا ته چڙهائي ڪندڙ پوليس خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي. هن چيو ته پوليس چڙهائي ڪرڻ جو سبب ٻڌائي ٿي ته گاڏي ڦر ٿي آهي، ان جي ڳولا ٿا ڪيون! جڏهن ته سمورو ضلعو ڌاڙيلن ۽ ڦورن هٿان لٽجي ڦرجي رهيو آهي. ڌوهاري گرفتار نه ٿا ٿين ته شريفن جي گهرن تي چڙهائي ڪري ڪنهن کي پريشان ڪرڻ ۽ ڪنهن پوتار جي ونگار وهڻ مذمت جوڳو عمل آهي ۽ اسان انهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪنداسين. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ بار جي جنرل سيڪريٽري شوڪت حسين پوهيو، اعظم ميمڻ، مشتاق ٻڙدي، اختر حسين پريجو، مورو تعلقي بار جي امين الدين خاصخيلي، پريا تعلقي بار جي صدر حافظ تنوير، امر امتياز ميمڻ، اظهر رند پڻ پوليس چڙهائي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ۽ آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کان مطالبو ڪيو ته چڙهائي ڪندڙ پوليس خلاف قدم کنيو وڃي ٻي صورت ۾ ڪنهن پوليس اهلڪار سان وڪيلن جو رويو درست نه رهندو ۽ روڊن تي ايندا سين.

بقايا 24

۾ شامل آهي ۽ ان سلسلي ۾ انتظاميا پاران موثر قدم کنيا ويندا ايندڙ مهيني کان ريٽائرڊ ملازمن جي بقايائن جي مد ۾ وڌيڪ ادائيگيون شروع ڪيو وينديون ۽ 1 کان 15 گريڊ تائين سينئر ملازمن کي مٿين گريڊ ۾ ترقي ڏيڻ جي لاءِ ڊپارٽمينٽل پروموشن ڪميٽي جلد جوڙي ويندي اهڙن خيالن جو اظهار ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان صدر پيپلز ليبر بيورو ڪراچي ڊويزن اسلم سمون جي اڳوائي ۾ آيل وفد سان ملاقات جي دوران ڪيوان موقعي تي جنرل سيڪريٽري پيپلز ليبر بيورو ڪراچي امين بلوچ ڊي ايم ڊي ايڇ آر محمد ثاقب ۽ صدر انجنيئرز اينڊ آفيسرز ايسوسيئيشن نديم ڪرماڻي پڻ موجود هئا وفد ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن کي ملازمن جي مختلف مسئلن بابت آگاهي ڏيندي چيو ته سمورا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته ريٽائرڊ ملازمن جون بقاياڻون ۽ پينل تي موجود اسپتالن جي فوري ادائيگيون ڪيون وڃن ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن وفد کي سمورا مسئلا فوري طور تي حل ڪرڻ جو مڪمل يقين ڏيارايو.

بقايا 25

علائقي ۾ شراب جي ڀٺيءَ تي حساس ادارن ايڪسائيز ۽ ڊسٽرڪٽ پوليس جي گڏيل ڪاروائي نقلي شراب جون بوتلون ڪيميڪل ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو ويو جڏهن ته گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي ان سلسلي ۾ حساس اداري سکر پوليس ۽ ايڪسائيز پوليس جڳهو اطلاع ملڻ تي صالح پٽ لڳ سنگرار واري علائقي ۾ نقلي شراب تيار ڪندڙ فيڪٽري (ڀٺي) تي ڇاپو هڻي نقلي شراب ۾ اسعمال ٿيندڙ ڪيميڪل سميت بوتلون اسٽيڪر ۽ ٻيو سامان هٿ ڪري ورتو جڏهن ته گرفتاري عمل ۾ ناهي آئي سکر ۾ نقلي ۽ اصلي شراب جي کلي عام وڪري خلاف ميڊيا تي زبرون هلڻ ڪانپوءِ ادارا حرڪت ۾ اچي ويا آهن نقلي شرابنقلي سگريٽ ٺاهڻ واريون فيڪٽرين تي ڇاپا هڻي ڪاروائيون ڪيون پيون وڃن سکر واسين لاڳاپيل ادارن جي ڪاروائين کي ساراهيندي چيو آهي ته سکر ۾ ڪيميڪل واري ڪيرڏهي ۽ ٻئي واهيي وارين شين جي وڪري خلاف به ڪاروائي ٿيڻ گهرجي

بقايا 26

مان ڊيوٽي ڪري ٻاهر نڪتا ته لکڙا هوٽل وٽ موٽرسائيڪل سوار نامعلوم ڦورن روڪي لال دين ٻلال کان هڪ لک 35 هزار رپين جي ماليت جو موبائيل فون روڪ 65 هزار رپيا جڏهن ته گل محمد لغاري کان 56 هزار رپين جي ماليت جو موبائيل فون ۽ 35 هزار رپيا روڪ ڦر ڪري فرار ٿي ويا اهڙي اطلاع تي ٻلال برادري جا ڪيترائي ماڻهو لکڙا هوٽل تي پهچي ويا آهن جيڪي ڦورن جي ڳولا ڪري رهيا آهن پٽ شاهه ٿاڻي تي اهڙي رپورٽ داخل ڪرائي ويئي آهي.

بقايا 27

وئي. ان موقعي تي شهر سنواريو ڪميٽي جي اڳواڻن سائين اشفاق حسين مسڻ، آصف علي ڪائيوزاهد حسين ٽنيو عبدالقادر تگڙ افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته تعلقه اسپتال جنهن جو افتتاح 2021 ۾ تڪ جي ايم پي اي ڪيوهو پرهن وقت تائين ان جو ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو آهي حيران ڪندڙ عمل اهو آهي ت اها اسپتال ٺهڻ کان اڳ ئي ڊهڻ شروع ٿي وئي آهي ۽ ويراني جو ڏيک ڏيندي اٿين معلوم ٿوٿئي ته هي اسپتال نه بلڪه آئيس جي موالين ۽ ٻين ڏوهارين لاءِ پناه گاهه ناهي وئي آهي. هي عوام جو پيسو ضايع ڪرڻ جي مترادف بلڪه عوام کي نقصان رسائڻ آهي. ۽ ان موقعي تي رورل هيلٿ سينٽر جو پڻ دورو ڪيو ويو ڊاڪٽرن کان تفصيل ورتا ويا.

بقايا 28

ترڪي سفارتخاني جي مذهبي معاملن جي ڪونسلر ڊاڪٽر عبدالرحمان اڪوش ۽ ڊپٽي ڪونسلر ڊاڪٽر عالم خان ملاقات ڪئي. اوقاف ۽ مذهبي معاملن واري صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي ترڪي وفد جو شاندار استقبال ڪيو ۽ ملاقات کي ٻنهي قومن جي وچ ۾ مضبوط لاڳاپن جي علامت قرار ڏنو هن اهم اجلاس ۾ سيڪريٽري اوقاف جاويد مهر، چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف حيدرآباد فرخ شهزاد قريشي، ۽ ڊائريڪٽر ايڊمن اينڊ اڪائونٽس ڪاشف صديقي پڻ موجود هئا. ورلڊ فائونڊيشن اين جي او جي چيئرمين ظفر اقبال، ڊاڪٽر ممتاز خاصخيلي، ۽ اڳوڻي ناظم ملير مجاهد جوکيو پڻ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. ملاقات جو مقصد ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ مذهبي، ثقافتي ۽ عوامي ڀلائي جي شعبن ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ هو. ملاقات دوران، ترڪي جي ڪونسلر ڊاڪٽر عبدالرحمان اڪوش سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي، خاص طور تي ٺٽي ۽ سجاول جي علائقن ۾ دلچسپي جو اظهار ڪيو ۽ انهن علائقن جي عوامي ڀلائي لاءِ قدم کڻڻ جو يقين ڏياريو. هن ٺٽي جي قديم ورثي جو دورو ڪرڻ جي خواهش پڻ ظاهر ڪئي. هن ملاقات ۾، ٻنهي پاسن ماڻهن جي ترقي، ثقافتي ورثي جي تحفظ ۽ باهمي تعاون کي فروغ ڏيڻ تي اتفاق ڪيو. اوقاف واري وزير، ترڪي حڪومت ۽ عوام سان ويجهن لاڳاپن جي تعريف ڪندي، سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخي اهميت کي اجاگر ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو. ملاقات دوران، ترڪي جي ڪونسلر ڊاڪٽر عبدالرحمٰن اڪوش وزير اوقاف ۽ سيڪريٽري کي ترڪي طرفان تحفي طور خاص قرآن پاڪ پيش ڪيا. اوقاف جي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته هي ملاقات ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ مذهبي، ثقافتي ۽ سماجي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۾ هڪ اهم قدم ثابت ٿيندي. اجلاس جي آخر ۾، اوقاف واري وزير سڀني ميمبرن کي سنڌ جي ثقافت جي علامت اجرڪ پيش ڪيا.

بقايا 29

دستاويزن ۾ ڦير ڦار واري ڪيس ۾ صارم برني ۽ سندس زال ڪيس چالان جي منظوري خلاف عدالت سان رابطو ڪري ورتو. عدالت ايف آءِ اي ۽ ڊپٽي اٽارني جنرل کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. عدالت ڌرين کان 19 فيبروري تائين جواب طلب ڪري ورتو آهي. داخل درخواست ۾ موقف آهي ته آخري چالان بدنيتيءَ جي بنياد تي جمع ڪرايو ويو آهي. عدالت ڪيس ۾ چالان منظور ڪندي ته نقصان رسندو. درخواست ۾ وڌيڪ موقف هو ته ماتحت عدالت جي فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي. درخواست گذار چيو ته ايف آءِ اي پاران عدالت ۾ صارم برني، بصالت علي خان، حمير ناز، مديحه اسلام ۽ عاليه ناهيد خلاف چالان جمع ڪري ڇڏيو آهي، جاچ آفيسر پاران شامل ڪيل قلم ڪيس تي لاڳو نٿا ٿين درخواست ۾ موقف آهي ته انساني سمگلنگ جو ڪو به پهلو نه مليو. درخواستگذار موجب والدين جي رضامندي بابت قانوني گهرجون پوريون ڪيون آهن. جيڪي ماڻهو پارهنج ونن ٿا اهي سماج جا معزز ماڻهو آهن.

بقايا 30

بيرسٽر ڊاڪٽر سيف چيو آهي ته نواز شريف ۽ مريم نواز جون ڳالهيون ناڪام ڪرائڻ جون ڪوششون ڪامياب ٿي ويون. پنهنجي بيان ۾ بيرسٽر سيف چيو ته نوازشريف عرفان صديقي کي ڳالهين جي ناڪامي جو حدف ڏنو هو ۽ انهي کان پوءِ عرفان صديقي ۽ رانا ثناءالله جي بيانن سان حڪومت جي غير سنجيدگي واضح ٿي وئي هئي. هن چيو ته جوڊيشل ڪميشن نه ٺاهڻ سان اهو ظاهر ٿي ويو آهي ته هي چور آهن. وفاقي حڪومت کي خدشو آهي ته جوڊيشل ڪميشن جي جوڙجڪ سان جعلي حڪومت جي حقيقت بي نقاب ٿي سگهي ٿي، حقيقت سامهون اچڻ کان پوءِ جعلي حڪومت کي منهن لڪائڻ جي به جڳهه نه ملندي. هن چيو ته نوازشريف ۽ مريم نواز جو گروپ ڳالهيون ناڪام ٿيڻ کان پوءِ خوشيون ملهائي رهيو آهي

بقايا 31

جي بيورو آف سپلائي جي خاص مددگار عثمان غني هنگورو جي صدارت ۾ اهم اجلاس منعقد ٿيو. جنهن ۾ زراعت واري سيڪريٽري سهيل احمد قريشي، ڊائريڪٽر جنرل رسد ۽ قيمت ڊاڪٽر شاڪر قيوم خانزاد ۽ ٻيا آفيسر شامل هئا. هن اجلاس کي گهرائڻ جو مقصد رمضان المبارڪ ۾ ناجائز منافع خوري ۽ وڌيڪ قيمتن تي روڪٿام لاءِ لائحه عمل تيار ڪيو ويو ۽ خاص مددگار عثمان غني هنگورو آفيسرن کي سخت هدايت ڪئي ته رمضان المبارڪ ۾ روزمرهه جي شيون مناسب قيمتن تي صارفين کي مهيا ڪيون وڃن. اجلاس ۾ شريڪ آفيسرن هن قدم کي مثبت بنائڻ لاءِ يقين ڏيارو. ان موقعي تي خاص مددگار عثمان هنگورو اجلاس ۾ آفيسرن کي هدايت ڪندي چيو ته عوام کي ضروري شيون جي قيمتن جي باري ۾ آگاهي ڏيڻ لاءِ مهم هلائي وڃي، ان لاءِ ميڊيا ۽ ٻين ذريعن جو استعمال ڪيو وڃي. سنڌ حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي. هن چيو ته ذخيره اندوزي ڪرڻ وارن جي خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ويندي ۽ ڪنهن کي به قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، حڪومت مارڪيٽن ۾ ضروري شيون جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ تمام وسيلا استعمال هيٺ آڻي رهي آهي.

بقايا 32

ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ويو. درخواست ۾ اليڪشن ڪميشن، پي ٽي اي سميت ٻين کي ڌر بڻايو ويو آهي. صحافي جعفرين يار پنهنجي وڪيل جي حوالي سان داخل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته ماضي ۾ پيڪا کي خاموش هٿيار جي طور تي استعمال ڪيو ويندو آهي، پيڪا ترميمي ايڪٽ ۾ نئين سزائن جي اضافي سان ملڪ ۾ رهي ويل ٿوري به آزادي ختم ٿي ويندي. درخواستگذار چيو ته پيڪا ترميمي بل جي منظوري سان آئين ۾ ڏنل اظهار جي آزادي سخت متاثر ٿيندي، پيڪا ترميمي ايڪٽ غير آئيني ۽ آئين ۾ ڏنل اظهار جي آزادي سان ٽڪراءُ آهي.

بقايا 33

روانو ٿي ويو. بلاول ڀٽو زرداري آمريڪا جي دوري لاءِ اڄ دبئي رستي روانو ٿيو هو دبئي ۾ ڪجهه دير ترسي آمريڪا روانو ٿيندو. ذاتي سيڪيورٽي عملو به ساڻس گڏ ويو آهي. پ پ چيئرمين آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي خاص نيرن ۾ شرڪت ڪندو. ان کانسواءِ هو آڪسفورڊ يونيورسٽي به ويندو جتي شاگردن کي خطاب ڪندو.

بقايا 34

داخل نه ٿيندومقتولن جا وارث ڌرڻي ۾ قوم پرست اڳواڻ رياض چانڊيونياز ڪالاڻي پنهل ساريوبي تي آئي اڳواڻ ۽اڳوڻو ايم اين اي لال مالهي جي ڌرڻي ۾ شرڪت ڪئي وارث جي مرضي موجب ڪيس داخل نه ڪيو ويو ته قوم پرست جماعت سان ڳالهائي بعد ۾ سموري سنڌ ۾ هڙتال جو اعلان ڪنداسين رياض چانڊيوسانگهڙ ويجهوچوٽياريون ٿاڻي جي حد ڳوٺ جاني جوڻيجو ۾ گذريل چار ڏينهن اڳ فصل جي پيل تان جهيڙو ٿيو هو جنهن ۾ ٽي ڄڻا قتل ۽ 20 ڄڻا زخمي ٿي پيا هئامقتولن جا لاش چوٿين ڏينهن به انصاف نه ملڻ ڪري ميرپور چوڪ ۾ رکي ڌرڻو جاري رکيو اڇن تي راتيون چار ڏينهن مقتولن جا وارث انصاف جي اوسيئڙي پنهنجي پيارن جا لاش ميرپور چوڪ ۾ رکي انصاف لاءِواجهائيندارهيا پر ڪين انصاف جي اميد ڪٿان به ڏاهر نه ٿي هوڏانهن ڌرڻي ۾ قوم پرست اڳواڻ رياض چانڊيونيازڪالاڻي پنهل ساريوبي تي آئي اڳواڻ ۽اڳوڻو ايم اين اي لال مالهي يڪجهتي طور ڌرڻي ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي قوم پرست اڳواڻ رياض چانڊيي چيوته اڄ شام تائين چوٽياريون واقعي جي شهيدن جو ڪيس وارثن جي مرضي موجب داخل نه ٿيوته سڀاڻ اسان سنڌ جي قوم پرست جماعتن سان ڳالهائي حيدرآبادِ۾ پريس ڪانفرنس ڪري عام هڙتال ۽سموري سنڌ کي بندڪرڻ جو اعلان ڪنداسين هن چيو ته گذريل چئين ڏينهن کان مظلومن جا لاش انصاف لاءِ روڊن تي پيا آهن اسين مظلومن سان گڏ آهيون هوڏانهن چئين ڏينهن کان هلندڙ ڌرڻي ۾ سروري جماعت، حر جماعت سياسي سماجي اڳواڻن سميت مختلف تنظيمون ۽علائقي واسين جو مقتولن جي وارثن سان يڪجهتي طور ڌرڻي ۾ ساٿ جاري رهيو

بقايا 35

ايڪٽ ترميمي بل تي صحيحون ڪري ڇڏيون. صدر آصف علي زرداري اليڪٽرانڪ ڪرائمز جي روڪٿام (ترميمي) بل 2025 (پيڪا) جي منظوري ڏئي ڇڏي. آصف علي زرداري ڊجيٽل نيشن پاڪستان بل 2025 ۽ نيشنل ڪميشن آف دي اسٽيٽس آف وومين (ترميمي) بل 2025 جي به منظوري ڏني آهي.

بقايا 36

جهانگير کي ٻيڙي حادثن ۽ ملڪ مان غير قانوني هجرت جي روڪٿام ۾ ناڪامي تي عهدي تان هٽايو ويو آهي. احمد اسحاق جهانگير کي اسٽيبلشمينٽ ۾ او ايس ڊي بڻائڻ جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب گهرو وزارت ڊي جي ايف آءِ اي جي برطرفي لاءِ وزيراعظم کي سمري موڪلي هئي، جنهن جي وزيراعظم منظوري ڏني. ذريعن جو چوڻ آهي ته احمد اسحاق جهانگير کي ٻيڙي حادثن ۾ سست جاچ تي هٽايو ويو آهي. ذريعن موجب اسٽيبلشمينٽ ڊويزن نئين ڊي جي ايف آءِ اي لاءِ آفيسرن جي شارٽ لسٽنگ شروع ڪري ڇڏي آهي، ان حوالي سان گهرو وزارت سمري ڪابينا کي موڪليندي.

بقايا 37

ته اسان پنهنجا مطالبا حڪومت جي سامهون رکيا، حڪومت ڳالهين ۾ دير ڪئي، حڪومت ڳالهين لاءِ سنجيده هجي ها ته جواب ڏئي ها، حڪومت اهو چيو هو ته 28 جنوري تي ڪميٽي روم ۾ جواب ڏينداسين. هن چيو ته اسان جوڊيشل ڪميشن ناهڻ جو چيو هو پر حڪومت ڪوبه جواب نه ڏنو حڪومت نٿي چاهي ته ڳالهيون ٿين ۽ انهي جو حل نڪري، اسان جي مٿان هر قسم جون سختيون ڪيون ويون انهي جي باوجود پي ٽي آءِ باني ڳالهين لاءِ اڳڀرائي ڪئي. هن وڌيڪ چيو ته آرمي چيف کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان به ملاقات نه ٿي آهي. ٻئي پاسي پاڪستان تحريڪ انصاف جي سينيئر اڳواڻ زرتاج گل چيو آهي ته ڳالهيون پي ٽي آءِ جي ڪمزوري ناهي، 17 سيٽن وارن سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪنداسين.

بقايا 38

جي قتل واقعي ۽ 4 ڏينهن کان مسلسل عورتن ۽ ڳوٺاڻن جي ڌرڻي باوجود ڪيس داخل نه ڪرڻ جي مذمت ڪندي واقعي جو ذميوار سنڌ حڪومت کي قرار ڏنو آهي. اياز لطيف پليجي چيو آهي حڪومتي وزيرن، ايم اين ايز، ايم پي ايز، سردارن ۽ وڏيرن کي سندن ضلعا ۽ تعلقا ورهائي رياستون بنائي ڏنا ويا آهن. مرضي ۽ پسند جا ايس ايس پيز، ڊي سيز، اي سيز، مختيارڪار ۽ ٻيا آفيسر مقرر ٿيل آهن، جيڪي قانون ۽ آئين تي عمل بدران حڪومتي وزيرن، ايم اين ايز، ايم پي ايز، سردارن، وڏيرن جي چوڻ تي ڪم ڪن ٿا. سانگهڙ سانحي جا 3 لاش روڊ تي پيل آهن پر حڪومت ڪئي ڌ نظر نٿي اچي. اياز لطيف پليجي چيو ته سانگهڙ جي روڊ تي رڳو 3 انسانن جا لاش پيل ناهن بلڪ ۾ هڪڙو جنازو قانون جو پيو جنازو انصاف جو پيل آهي، ٽيون جنازو انسانيت جو پيل آهي، چوٿون جنازو پ پ حڪومت جو پيل آهي، جن تي مسڪين مائرون، ڀينرون، معصوم ٻار ۽ شهري بي يارو مددگار ٿي روئي رهيا آهن پر انهن جي ڪير ٻڌڻ وارو ناهي. اياز لطيف پليجي چيو ته واحد سنڌ پوليس آهي جيڪا ڪوڙيون ايف آئي آرز ڪرڻ ۾ دير نه ڪندي آهي پر سانگهڙ ۾ وڏيرڪي سوچ جي ايڏي وڏي دهشتگردي ۽ درندگي باوجود ڪيس داخل نٿو ڪيو وڃي. اياز لطيف پليجي چيو ته ڪميشن ڪري جيڪي ماڻهو ايس ايس پي، ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ اوز ٿيڻ ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجو آئيني ۽ قانوني ڪردار ادا ڪرڻ بدران وزيرن، ايم اين ايز، ايم پي ايز، سردارن ۽ وڏيرن جو ڪمدار رهڻ پسند ڪن ٿا، مظلوم ماڻهن لاءِ انهن وٽ انصاف ناهي، انهن کي نوڪري ڇڏي پنهنجي پسند جو ڪم ڪمداري ڪرڻ گهرجي، اهي آيس ايس پي، ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ اوز جهڙي شعبي جي لائق ناهن بلڪ داغ آهن. اياز لطيف پليجي چيو ته سانگهڙ واقعي جي ايف آئي آر ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ ايس ايس پي سميت سمورن آفيسرن فوري طور نوڪرين مان برطرف ڪيو وڃي ۽ ايماندار آفيسر مقرر ڪيا وڃن. اياز لطيف پليجي چيو ته سانگهڙ واقعو لاقانونيت ۽ پيپلزپارٽي جي عوام دشمني جو بدترين مثال آهي. واقعي جو ڪيس وارثن جي مرضي مطابق داخل ڪري ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي. اياز لطيف پليجي چيو ته قومي عوامي تحريڪ مظلوم ماڻهن سان گڏ آهي. شهيد ڳوٺاڻن جي انصاف لاءِ ڀرپور سياسي ۽ قانوني مدد ڪئي ويندي.

بقايا 39

انڪشاف ٿيو آهي. قومي اسمبلي جي واپار بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس محمد جاويد حنيف جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ يورپي يونين پاران پاڪستاني چانورن جي ايڪسپورٽ تي اعتراضن جو معاملو بحث هيٺ آيو اجلاس ۾ ڪميٽي جي ميمبر مرزا اختيار بيگ انڪشاف ڪيو ته پاڪستان مان يورپي يونين کي غير معياري ۽ جعلي چانور برآمد ڪيا ويا، يورپي يونين پاڪستان کي چانورن بابت الرٽ جاري ڪيا آهن. مرزا اختيار بيگ چيو ته يورپي يونين اسان کي 100 کان وڌيڪ الرٽس موڪليا آهن. اهي الرٽس ان ڪري موڪليا ويا آهن جو جعلي چانور سپلاءِ ڪيا وڃن ٿا. مارڪيٽن ۾ چانورن ۾ جعلي مواد شامل ڪيو ويو آهي، اسان کي ڏسڻ گهرجي ته اهو ڪيئن ٿي رهيو آهي. ڪميٽي ميمبر شرميلا فاروقي چيو ته يورپي يونين 2024 ۾ پاڪستاني چانور تي 72 رنڊڪون وڌيون. پاڪستان جي چانور جي ايڪسپورٽ ۾ ڪوالٽي جا مسئلا اچي رهيا آهن، هاڻي چيو پيو وڃي ته هڪ نئين نيشنل فوڊ سيفٽي اٿارٽي ناهي پئي وڃي، بس اٿارٽيز ٺهن ٿيون پر مسئلن جو حل نٿو نڪري. واپار واري سيڪريٽري جواد پال ڪميٽي کي ٻڌايو ته يورپي يونين طرفان ڪا وارننگ جاري ناهي ڪئي وئي، هڪ اهڙي شيءِ جيڪا ٿي ئي ناهي، ان تي ايترو وڏو مسئلو بڻايو ويندو آهي. اجلاس ۾ خورشيد جوڻيجو ٻڌايو ته پنجاب مان چانور جي هڪ ڪنسائنمنٽ تي يورپي يونين وارننگ جاري ڪئي آهي

بقايا 40

ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي سنڌو درياهه تي ڪينالن جي اڏاوت خلاف عوامي جاڳرتا مهم ڪشمور پهتو سنڌو درياهه تي ڪينالن جي اڏاوت منظوري ۾ سنڌ جائي آصف علي زرداري جو اهم ڪردار آهي. سنڌو درياهه تي ڪينالن جي اڏاوت خلاف 24 فيبروري تي حيدرآباد ۾ عوامي سمنڊ گڏجي سنڌو درياهه جي ڪينالن کي مڪمل طور رد ڪرائينداسين سنڌو درياهه سنڌ واسين جو ساهه آهي سنڌ جي ماڻهن جو معاشي ذريعو سنڌ آهي سنڌ ۾ محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ سنڌ ۾ 15 سالن کان پيپلزپارٽي جي حڪومت آهي ڌاڙيل ڪلچر اغوا ڦر قتل غارت جو ذميوار سنڌ حڪومت آهي سنڌ جي نياڻين کان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي نالي تي در در پنايو پيو ويو وجي ڊاڪٽر قادر مگسي ڪشمور ۾ هندو برادري جي ماڻهن جي اغوا خلاف ڊيرا موڙ انڊس هاءِ وي روڊ تي چار ڏينهن ڌرڻو ڏنو افسوس آهي هندو برادري هاڻي ڏکي وقت ۾ منظر عام تان غائب آهي جام عبدالفتاح سميجو هوڏانهن ٻئي طرف ڪنڌڪوٽ ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جو سنڌو درياءَ مان نيڪال ڪيڻ ۽ ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ پتاخوري ڌاڙيل راڄ خلاف عوامي جلسو لائبريري چوڪ تي ٿيو جتي وڏي تعداد ۾ ڪارڪنن ۽ شهرين شرڪت ڪيي انهي موقعي تي ڊاڪٽر قادر مگسي جلسي کي خطاب ڪندي چيو ته ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعو مڪمل ڏوهارين جي حوالي ڪيو ويو آهي جنهن ۾ سياسي پوتار به شامل آهن معصوم ٻار سميت هر برادري کي اغوا ۽ لٽيو ڦريو وڃي ٿو پيي پاسي سنڌ جي زراعت کي تباهه ڪرڻ لاءِ سنڌو تي ڌاڙو هڻي درياءَ مان ڇهه ڪينال ڪڍيا پيا وڃن جيڪو عمل سنڌ دشمني آهي انهي منصوبي کي سنڌ واسي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين انهي موقعي تي ضلع صدر اڪرم باجڪاڻي، جيون خان سبزوئي، صفي الله سهرياڻي، قمر الدين سهرياڻي، اويس ڪوسو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو امن امان جي بحالي ۽ بدامني خلاف گهنٽا گهر چوڪ کان لائبريري چوڪ تائين احتجاج ريلي پڻ ڪڍي وئي

بقايا 41

جي رهواسي 25 سالا عمران پٽ انور مسيح پاران گهرو پريشانين کان تنگ ٿي تيزاب پي ڪري خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ تعلقي اسپتال روهڙي منتقل ڪيو ويو آخري اطلاعن تائين ڊاڪٽرن پاران سندس حياتي بچائڻ لاءِ ڪوششون جاري هيون

بقايا 42

قائم ڪري ورتو. انفارميشن ڪاتي پاران سجاول جي ٽنهي پريس ڪلبن کي جاري ڪيل هڪ هڪ لک روپين جا امدادي چيڪ نه وٺڻ جو متفقه فيصلو ڪيو ويو. سرڪاري ادارن ۽ حڪومتي ڌر واري پارٽي جي خبرن جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو ويو آهي. ان ڏس ۾ پريس ڪلب سجاول جي ميزباني هيٺ هڪ اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ سجاول جي نيشنل پريس ڪلب، سورج سجاولي پريس ڪلب ۽ سجاول پريس ڪلب جي صدرن حافظ سعدالله ميمڻ، محمد اسماعيل سرويچ، امداد پنهاڻ ۽ جنرل سيڪريٽرين رياض ميمڻ، سليم ڪوسو شبير احمد ملاح شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اجلاس بعد اتفاق راءِ قائم ڪندي اعلاميو جاري ڪيو ويو آهي ته اطلاعات ڪاتو مسلسل سجاول ضلعي جي صحافين سان ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري رهيو آهي. اطلاعات ڪاتي پاران ٽنهي پريس ڪلبن کي ساليانِي گرانٽ طور صرف هڪ هڪ لک روپيه جاري ڪيا ويا آهن جيڪا سراسر ناجائزي آهي. انهن چيو آهي ته اطلاعات ڪاتي جي انهي ناانصافي خلاف احتجاج طور سرڪاري ادارن جي خبرن جو بائيڪاٽ ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. جڏهن ته حڪومت ۾ موجود سجاول ضلعي جي چونڊيل نمائندن پاران پڻ صحافين جي جائز مسئلن جي حل ۾ ناڪامي تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو. صحافين پاران چونڊيل نمائندن جي خبرن توڙي تقريبن جي بائيڪاٽ ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو آهي.

بقايا 43

سنڌو درياهه تي ڪئنال ناهڻ جي ڪڏهن به اجازت نه ڏينداسين. گذريل ڏينهن ليکڪ دلبر بروهي پنهنجي ڪتاب جي مهورتي تقريب جي دعوت ۽ ڪتاب "تاريخ جو عڪس" تحفي ۾ ڏنو ان موقعي تي ملير جي سياسي سماجي شخصيت ۽ مسلم ليگ (ن) جو اڳواڻ قادر بخش ڪلمتي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته دلبر بروهي ملير جو بهترين ليکڪ سان گڏ سٺو انسان آهي ۽ 4 فيبروري مهورتي تقريب ۾ ضرور شريڪ ٿيندس، هن چيو ته دلبر بروهي سنڌ ۽ هند جي تاريخ لکي بهترين ڪم ڪيو آهي، هن چيو ته سنڌ تهذيب، تمدن ۽ ثقافت سان مالا مال صوبو آهي، سنڌ جي تهذيب مصر کان پراڻي آهي جنهن جو مثال موهن جو دڙو ۽ ٻيا آثار پڻ آهن. هن چيو ته سنڌ حڪومت جي آشيرواد سان ملير ۾ ڌرتي ڌڻين جي زمينن تي مختلف رهائشي اسڪيمن جي مد ۾ والار شروع ٿي وئي آهي، جيڪڏهن اهو سلسلو ائين ئي جاري رهيو ته ملير جا ماڻهو اقليت ۾ تبديل ٿي ويندا، هن چيو ته ملير جي عوام کي سوچڻو آهي ته هو پنهنجي سڃاڻپ بچائڻ لاءِ جلد فيصلو ڪري وٺن ائين نه ٿئي ته انهن جو حشر لالوکيٽ ۽ ناظم آباد ۾ سنڌين ۽ بلوچن جي ڪوٺن سان ٿي رهيو آهي، اڳاٽي دور ۾ سنڌ ۾ تعليم جا وڏا تعليمي درسگاهه ٺهيل هئا جتي ٻاهرين ملڪن جا ماڻهو پنهنجي علم جي حاصلات لاءِ پڻ هتي ايندا رهيا آهن، هن چيو ته سنڌو درياهه سنڌ ۽ سنڌين جي ملڪيت آهي ۽ سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙو برداشت نه ڪنداسين سنڌو درياهه تي هڪ به ڪئنال ناهڻ جي اجازت نه ڏينداسين. سنڌ زرخيز زمين سان گڏوگڏ زرعي صوبو آهي جنهن جو دارومدار سنڌو جي پاڻي تي آهي سنڌو مٿان ڪئنال ناهڻ سان سنڌ جي زراعت تباهه ٿيندي ۽ سنڌس زراعت تي ڪاپاري ڌڪ لڳندو

بقايا 44

۾ 17 مسافر سخت زخمي ٿي پيا جن کي طبعي امداد لاءِ فوري طور تي تعلقه اسپتال آندو ويو زخمين ۾ معصوم ٻارڙن سميت بزرگ مرد ۽ عورتون پڻ شامل آهن. حادثو تيز رفتاري سبب پيش آيو آهي. مسافروين ميهڙ کان دادو طرف وڃي رهي هئي ته حادثو پيش آيو. زخمين جو تعلق دادو. ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه سان ٻڌايو پيو وڃي

بقايا 45

هاءِ وي تي ڪوچ ۽ ڪار وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ فوت ٿيل باقرائي تعلقي جي ڳوٺ سونو جتوئي ۽ ڳوٺ فيض محمد جتوئي جي 4 فوتين جا مڙهه حيدرآباد کان ڳوٺ پهچايا ويا . جڏهن ته ڳوٺ سونو جتوئي واسي ٻن پائرن محمد وارث جتوئي ، شوڪت علي ولد ديدار جتوئي ۽ ڳوٺ فيض محمد جتوئي واسي سندن پيٽوي رٽائرڊ فوجي عيدن جتوئي ، ڪار ڊرائيور عزيز احمد جتوئي سميت چئن ئي فوتين جا مڙهه ڳوٺ پهچڻ تي گهرن ۾ ڪهرام مچي ويو ، قيامت صغرا جو منظر . هر اک آلي هئي ، سندن وارث پنهنجين پيارن جي لاشن کي چنبڙي اپ ڏارينڊڙ ڏاتهون ڪيون ، فوتين جا مڙهه جنازي نماز بعد ابائي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيا ويا ، ٻڌايو پيو وڃي ته دبئي مان واپس ايندڙ پنهنجي پاءِ منور علي جتوئي کي سندس فوتي پائر محمد وارث جتوئي ، شوڪت علي ولد ديدار جتوئي ڪراچي ايئرپورٽ تان ڳوٺ وٺي اچي رهيا هئا ته سندن ڪار سان حادثو پيش آيو . جنهن ۾ به پائر محمد وارث جتوئي ، شوڪت علي جتوئي ولد ديدار جتوئي ۽ سندن پيٽويو ڳوٺ فيض محمد جتوئي واسي رٽائرڊ فوجي عيدن جتوئي . ڪار ڊرائيور عزيز احمد جتوئي سميت چار ڄڻا فوت ٿي ويا .

بقايا 46

ايس ايس پي آفيس سکر پهچڻ تي ڪيس پوليس جي چاق چوبند دستي سلامي ڏني ترجمان ايس ايس پي سکر موجب آفيس اسٽاف سميت ڊي ايس پي ليگل ۽ ٻين آفيسرن سندس شاندار استقبال ڪيوايس ايس پي سکر اظهر خان مغل آفيس جي سمورين برانچن جو دورو ڪيو ۽ ڪاتي وار تفصيلي جائزو ورتو جنهن بعد هيڊ برانچز سان تعارفي گڏجاڻي ڪئي ان موقعي تي ماتحت آفيسرن ۽ آفيس اسٽاف سان مخاطب ٿيندي چيو ته شهرين سان اخلاق سان ڳالهايو شڪايتون ڪٺي ايندڙن جا مسئلا حل ڪرڻ کي اوليت ڏني وڃي

بقايا 47

اتفاق راءِ سان سرپرست اعليٰ الهورايو جي صدارت ۾ ٿي، جنهن ۾ صدر عبدالغفور هنگورو، جنرل سيڪريٽري سڪندر ساهووال، سينيئر نائب صدر جمعا خان ساهووال، نائب صدر گل محمد هنگورو، جوائنٽ سيڪريٽري ساجن ميرجت، خزانچي فضل بلوچ، آفيس سيڪريٽري عبدالرزاق ميرجت، پريس سيڪريٽري شاهنواز چنو ۽ ورڪنگ ڪاميٽي لاءِ نور حسن هڪڙو کي چونڊيو ويو. چونڊ بعد صدر پريس ڪلب عبدالغفور هنگورو ڳالهائيندي چيو ته پيڪا قانون کي اسان رد ڪيون ٿا ۽ ان کي اسان ڪارو قانون مڃيون ٿا. هن چيو ته ظاهري طور پيڪا قانون ظاهري طور سائبر ڪرائيم کي روڪڻ لاءِ ناهيو ويو هو

صحافي شاهد شمس ميمڻ جو سئوٽ
دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو

مٽياري (ڊ.ر) صحافي شاهد شمس ميمڻ ۽ ٽاليواري وڪيل سعيد شمس ميمڻ جي سئوٽ ايڊووڪيٽ افتخار ميمڻ 60 سالن جي ڄمار ۾ اوچتو دل جي دوري پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز هالا پراڻا جي قبرستان قستوري ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ وڪيلن، صحافين سميت سياسي ، سماجي، مذهبي ماڻهن سان گڏ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي وڪيل جنيد ميمڻ، قمر الدين ميمڻ، ايڊووڪيٽ فضل قادر ميمڻ،سيف الله حسن ميمڻ، ايڊووڪيٽ بشارت ميمڻ، مشهود شمس ميمڻ ،نور احمد ميمڻ،ايڊووڪيٽ سنا الله حسن ميمڻ کان سواءِ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

هالاڻي لڳ ڳوٺاڻن جو روڊ جي ڪم ۾ ناقص مٽيريل جي استعمال خلاف احتجاج

ٺيڪيدار روڊ تي ڪاري تيل جا ڊرم هارائڻ بعد ليبر وٺي ويو آهي: بدر الدين سولنگي

ٺيڪيدار خلاف سخت قدم کڻي انڪوائري ڪرائي وڃي: راشد علي سولنگي

هالاڻي(اقبال گاڏهي)هالاڻي پرسان ڳوٺ پليڏنو سولنگي جي رهواسين روڊ ۾ ناقص متيريل استعمال ڪرڻ خلاف روڊ احتجاج ڪندي ميڊيا آڏو/ڏسو صفحو 2 بقايا 1

هالاڻي: ڳوٺ پليڏنو سولنگي واسي ٺيڪيدار جي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ايس ٽي پي چيئرمين پاران سانگهڙ واقعي جي مذمت، مقتولن جي وارثن جي داد رسي جو مطالبو

حيدرآباد (بيورو) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي پنهنجي پريس بيان ۾ سانگهڙ واري واقعي جي مذمت ڪندي چيو آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا 2

لاڙڪاڻي ۾ 14 استادن ۾ 16 ٽائيم اسڪيل جا آرڊر ورهايا ويا

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي پرائمري استادن کي 14 مان 16 هون ٽائيم اسڪيل ڏيارڻ لاءِ/ڏسو صفحو 2 بقايا 3

لاڙڪاڻي جي رسول آباد واسي جو عزيزن جي زيادتين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي رسول آباد پاڙي جي رهواسي پيرسن بااثر مائٽن جي مبينا/ڏسو صفحو 2 بقايا 4

ڪي اين شاهه شهر انيڪ مسئلن جي ورچڙهيل، چونڊيل نمائندا غائب، شهري پريشان

شهر ۾ صفائي سترائي جو نظام تباهه، مين روڊ هنڌان هنڌان اکٽريل، جوا جا اڏا به سرعام هلندڙ

ڪيترن ئي هوٽلن تي ڪيميڪل واري چانهن تيار ٿيڻ لڳي، شهرين مختلف بيمارين ۾ ورتل

تڪ مان چونڊيل نمائندن شهر جي مسئلن تي ڌيان نه ڏنو، شهرين پاران احتجاج ڪرڻ جو چتاءُ

خيرپورناٿن شاهه (قربان علي ٻگهيو) خيرپورناٿن شاهه شهر چونڊيل ايم اين اي عرفان ظفر لغاري ,ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو, ميونسپل /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

راڻيپور ۾ حددخلين خلاف آپريشن، اڏاوتون ڊاهي پٽ

عدالتي حڪم تي اي سي جي اڳواڻي ۾ علائقن ۾ آپريشن

غير قانوني قبضا ڪرڻ جي اجازت هر گز نه ڏينداسين: اي سي

راڻيپور (رپورٽر): راڻيپور جوڊيشل مئجسٽريٽ سوڀوديرو ايٽ راڻيپور محمد عظيم سولنگي جي حڪم تي اسسٽنٽ ڪمشنر سوڀوديرو ڊاڪٽر رانا /ڏسو صفحو 2 بقايا 6

پاٽ شريف ويجهو ٽيوٽا برادري ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو زخمي

ڳوٺ ٻچل چانڊيو ۾ ٽيوٽا برادري ۾ سڳاوتي تڪرار تان جهيڙو

جهيڙي ۾ نواز ٽيوٽو زخمي ٿيو، علاج لاءِ سول اسپتال دادو منتقل

پاٽ شريف (ن پاڪ) پاٽ شريف پرسان رڪڻ ٿاڻي جي حد ڳوٺ ٻچل چانڊيو ۾ ٽيوٽا برادري جي ٻن ڌرين ۾ سڳاوتي تڪرار تان جهيڙو ٿي /ڏسو صفحو 2 بقايا 7

سنڌ حڪومت منتظر مهدي کي پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ جون وقتي ذميواريون ڏئي ڇڏيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت منتظر مهدي کي پراسيڪيوٽر/ڏسو صفحو 2 بقايا 8

پاٽ شريف: جهيڙي دوران زخمي ٿيل ڳوٺاڻو

ڪراچي جي مقامي هوٽل ۾ پي سي سي سي جي پاران "قومي ڪانفرنس براءِ بحالي ڪپهه: پاڪستان جو سفيد سونا _ چيلينجز ڪان موقعن تائين" منعقد

جي پي آءِ ايگري مالز تيار ڪري، فصل زوننگ کي هٿي ۽ پٽس ۽ اوزارن تائين رسائي لاءِ خدمتون ڏئي: شاهد نذير

پاڪستان ۾ ڪپهه ۽ ٽيڪسٽائل شعبي جون برآمدات، ويليو ايڊيشن، روزگار ۽ لکين گهرن جي آمدني جو وڏو محرڪ آهن

نائب صدر پي سي سي سي ڊاڪٽر يوسف ظفر پاڪستان ۾ ڪپهه جي زوال جي پويان اهم عنصرن جو تجزيو پيش ڪيو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان سينٽرل ڪاٽن ڪميٽي (PCCC) جي سهڪار سان 29 جنوري 2025 تي ڪراچي جي ميرٽ هوٽل ۾ "قومي ڪانفرنس براءِ بحالي ڪپهه: پاڪستان جو سفيد سونا _ چيلينجز ڪان موقعن/ڏسو صفحو 2 بقايا 9

پرياسٽي لڳ نينگر سان بدفعلي، ڪيس داخل

ڳوٺ نبن شاهه ۾ اوباش نوجوان نينگر حسيب سان مبينا بدفعلي ڪئي

نينگر جي والد جي فرياد تي ڪيس داخل، پوليس پاران نينگر جي ميڊيڪل ليٽر جاري

پرياسٽي(ن پاڪ)پرياسٽي پرسان ڳوٺ سيد نبن شاهه ۾ 6 سالن جي معصوم نينگر سيد حسيب شاهه پٽ سيد /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

ميهڙ ۾ ساس پاران شاعر عبدالقيوم جوهر بروهي سان رهاڻ

عبدالقيوم سنڌ جو وڏو اسڪالر، عالم ۽ اديب آهي: آزاد قاضي

جوهر بروهي ڪاڇي جي مسئلن تي لکيو، ڪاڇي جو آواز آهي: سرمد بروهي

ميهڙ (رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ پاران نامياري شاعر اديب محقق سائين عبدالقيوم جوهر بروهي سان ادبي رهاڻ ملهائي وئي. ان /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

سکر ۾ لوڪل گورنمينٽ جي ملازمن پاران ڪيس داخل ٿيڻ تي ريلي

ضلعي ڪائونسل جي ملازمن يونين آفيس کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي

مرڪزي صدر تي داخل ٿيل ڪيس کي فورن ختم ڪيو وڃي: اڳواڻن مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن جي مرڪزي سڏ تي مرڪزي صدر ملڪ نويد اعوان تي ڪوڙي ايف آئي آر/ڏسو صفحو 2 بقايا 27

رياستی غنڈه گردی نامنظور نامنظور
ليکر رهيں گے حق اپنا
حق مانگنے پر مقدمات کا اندراج، بدترين شيلنگ آل پاکستان لوکل گورنمنٹ ورکرز فيڈريشن کے قائدين ملک نويد اعوان، سوار خان مهمند اور ديگر کے خلاف درج مقدمات فوراواپس ليے جائيں. ملک بهر کے بلدياتی اداروں ميں يوم سوگ پر مطالبه
سکر: مڪاني ڪاتي جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

جلد ڏهن مستحق جوڙن جي شادي ڪرائي ويندي: سماجي تنظيم

شاهپور چاڪر ۾ اسٽيپ فائونڊيشن جي گڏجاڻي، جهول جي ٽيم جي به شرڪت

اسٽيپ فائونڊيشن پاران في جوڙي کي 2لک جو ڏاج ڏنو ويندو: لياقت جهلڻ

سنجهورو (رپورٽ خان محمد لنڊ) اسٽيپ فايونڊيشن ضلع سانگهڙ جي اهم ميٽنگ شاهپورچاڪر اسٽيپ فائونڊيشن جي آفيس لالا لياقت جهلڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

نوشهروفيروز لڳ چانڊيا برادري جو پوليس خلاف ڪٽ

پوليس روز گهرن تي چڙهائي ڪري نياڻين جي تذليل پئي ڪري: سعد خان

نوجوانن کي پڪڙي پوليس هاف فرائي ڪري رهي آهي: جعفر چانڊيو

نوشهروفيروز (ڊر) نوشهروفيروز ڳوٺ حبل خان پنجابي ۾ چانڊيا برادري جو پوليس جي ناجائزين خلاف ڪٽ ڪوٺايو ويو خبر موجب ڳوٺ حبل خا/ڏسو صفحو 2 بقايا 25

ماٽيلي ۽ ڀرپاسي ۾ بجلي چورن ۽ باقيدارن خلاف ڪريڪ ڊائون

ڏهه کان مٿي شهري ۽ ڳوٺاڻا بجلي چورائڻ جي الزام هيٺ گرفتار

صارفين ڏانهن پندرهن ارب جي بقايا رهيل آهن: سيپڪو عملدار

ميرپور ماٿيلو (راجيش ڪمار سنڌي) ميرپور ماٿيلو جي مختلف علائقن ۾ واپڊا عملي پاران وڏي انگ ۾ پوليس ۽ رينجرز جي اهلڪارن /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

ڊي سي سکر جي صدارت ۾ پوليو مهم بابت اجلاس، ڊي ايڇ او جي غير حاضر هجڻ تي ڪاوڙ جو اظهار

100 سيڪڙو ڪوريج باوجود وائرس سيمپل جو پازيٽو اچڻ سمجهه کان ٻاهر آهي: ڊپٽي ڪمشنر

اينڊڙ پوليو مهم ۾ 1298 پوليو ٽيمون ۽ 280 ايريا انچارج ڊيوٽي سرانجام ڏيندا: ڊي سي کي بريفنگ

هن پوليو مهم ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي نه ڪئي وڃي: ڊپٽي ڪمشنر جي اجلاس ۾ هدايت

سکر (رپورٽ:شڪيل عاجز) ڊپٽي ڪمشنر سکر ڊاڪٽر ايم بي راجا ڌاريجو جي صدارت هيٺ 3 فيبروري کان شروع ٿيندڙ اينڊڙ پوليو مهم جي تيارين جي سلسلي ۾ سنڌس آفيس ۾ هڪ اهم گڏجاڻي منعقد ٿي. گڏجاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر/ڏسو صفحو 2 بقايا 30

سکر: ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ پوليو مهم جي تيارين جي حوالي سان اجلاس ٿي رهيو آهي

خيرپور ۾ محتسب جي کليل ڪچهري، 120 درخواست گذارن کي انصاف فراهم

کلي ڪچهري ۾ سيپڪو جي ڊڊڪشن، اوور بلنگ ۽ ٻين ڪاتن خلاف 150 کان وڌيڪ درخواست گذارن جي درخواستن کي اڪلايو ويو آهي: عبدالوحيد انڊڙ

سيپڪو، نادرا، يونيورسٽي، پر نيشنل بينڪ سميت ٻين ڪاتن خلاف عوام جي شڪايتون اچن ٿيون

سرڪاري آفيسرن خلاف شڪايتن تي اسلام آباد هيڊ آفيس سفارش اماڻيندا آهيون ۽ ان تي اسلام آباد مان ئي ايڪشن ٿي ويندو آهي

خيرپور (ڊر) وفاقي محتسب اعليٰ اعجاز احمد قريشي جي هدايت تي وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ ريجنل آفس سکر طرفان سرڪٽ هائوس خيرپور ۾ کلي ڪچهري، 150 کان وڌيڪ درخواستن جي سماعت، مجموعي طور تي 120 کان وڌيڪ درخواست گزارن کي رليف فراهم ڪيو ويو آهي. ان ڏس ۾ وفاقي /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

مورو ۾ لڳل مفت طبي ڪئمپ جي پڄاڻي، پ پ مورو سٽي جي صدر پاران دورو

مورو (حاجي بادل زرداري) مورو ۾ الحق فائونڊيشن ۽ الزهره ميڊيڪل سينٽر پاران ڊاڪٽر سيده عصمت زهره شاهه جي نگراني ۾ لڳايل به روزا اکين/ڏسو صفحو 2 بقايا 32


پرياسٽي: عورت مڙس جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ بابت دانهي رهي آهي

ايس ايڇ او خيرپور ناٿن شاهه زمين تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو: ڪليم الله

بااثر ماڻهو کي سياسي شخصيتن جي به حمايت حاصل آهي

مختلف طريقن سان تنگ ڪيو پيو وڃي: ڪوٽڙي ۾ پريس ڪانفرنس

ڪوٽڙي (رپورٽ عبدالخالق چانڊيو) دادو جي علائقي خيرپور ناٿن شاهه جي رهواسي ڪليم الله ٻرڙو پريس ڪلب ڪوٽڙي ۾ پريس ڪانفرنس/ڏسو صفحو 2 بقايا 33

پوليس مڙس جي قاتلن کي نه پئي پڪڙي: بيواهه سمره جلباڻي

33 ڏهاڙا ٿي ويا آهن، مرتضيٰ جا قاتل آزاد گهمي رهيا آهن

منهنجا ٻار اڄ به پنهنجي پيءُ جي واپسيءَ جا منتظر آهن: جاري ڪيل وڊيو بيان

پرياسٽي (ن پاڪ) پرياسٽي ۾ 33 ڏينهن اڳ پريا سٽي ۾ قتل ٿيل بيڪن هائوس ڪراچي جي پروفيسر علي مرتضيٰ جلباڻي جي بيواهه، سمره جلباڻي/ڏسو صفحو 2 بقايا 34

پيارو اسٽيشن شهر لڳ ٽرانسفارمر مان ڪوائلون چوري، ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

چور ڳوٺ بگا موري ۾ لڳل ٽرانسفارمر لاهي ڪوائلون ڪڍي فرار ٿي ويا

واقعي خلاف ڳوٺاڻن شوڪت آرائين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي

سرگرم چور گروهه کي قانون جي پڪڙ ۾ آڻي بجلي بحالي لاءِ قدم کنيا وڃن: شوڪت آرائين

پيارو اسٽيشن (رپورٽ احسان علي مري) پيارو اسٽيشن پرسان ڳوٺ بگا موري ۾ ڪارخاني تي لڳل 50 هاس پاور جو ٽرانسفارمر /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

پيارو اسٽيشن: ڳوٺاڻا ٽرانسفارمر جي چوري خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو آدم ۾ آبدارن جي گڏجاڻي، ڪئنالن جي مسئلن تي ويچار

گڏجاڻي جي صدارت غلام قمبر مري ڪئي، عهديدارن جي شرڪت

سنڌو مان نوان ڪئنال ڪڍڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي

ٽنڊوآدم (مشتاق مينگل) ٽنڊوآدم آبدار ۽ ڪيئنال اسسٽنٽ ايسوسيئيشن سنڌ جي صدر غلام قمبر مري جي صدارت ۾ اهم گڏجاڻي ٿي گذري /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

سانگهڙ واقعي خلاف نوشهروفيروز ۾ ڌرين جو احتجاج

سياسي سماجي ڌرين پريس ڪلب اڳيان نعريبازي پڻ ڪئي

پوليس جي خاموشي نااهلي آهي، متاثرين جي داد رسي ٿيڻ گهرجي: اڳواڻ

نوشهروفيروز(ڊ ر) سانگهڙ واقعي ۾ شهيد ٿيل مقتولن جو ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف نوشهرو فيروز ۾ مختلف سياسي سماجي ڌرين جو احتجاج ڪيو ويو/ڏسو صفحو 2 بقايا 23

نوشهروفيروز: مختلف ڌرين سانگهڙ واقعي خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

شيعا تنظيمن ور شهر ۾ پابندي مڙهيل تنظيم جو سپاهي وارو جلسو ملتوي ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ڪجهه ماڻهو مذهب جي نالي تي نئين ضلعي ۾ فساد ڪرائڻ چاهين ٿا: جاويد شاهه.

جنهن تنظيم جو نالو فورٿ شيڊول ۾ شامل آهي اها ڪئين ٿي جلسو ڪري سگهي: مولانا فدا حسين

فوري طور تي معاملي جي سنجيدگي کي ڏسندي سپاهي وارو تڪراري جلسو ملتوي ڪرايو وڃي: پريس ڪانفرنس

ٺٽو (ڊ. ر) شيعا تنظيمن جي اڳواڻن سپاهي ور شهر ۾ پابندي پيل تنظيم جي اڳواڻ مولانا اورنگزيب فاروقي جي رٿيل جلسي تي پابندي مڙهي فوري طور تي سنڌس جلسو ملتوي ڪرائڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

TIONAL PRESS CLUB
ٺٽو: شيعا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

جام نوازعلي ۽ ڀرپاسي بدامني جو آزار، پوليس اهلڪار کان موٽر سائيڪل ڦر

معين پير درگاهه وٽ ڦورن الله ورايو ڪنير کي مارڪٽ ڪري گاڏي پڻ ڦر ڪئي

هڪ هفتي ۾ 6 موٽرسائيڪلون ڦري چڪيون، پوليس ڪک پڇي پيٺو نه ڪيو

جام نوازعلي (ن پاڪ) ٽنڊو آباد ٿاڻي جي حد ڪنڊياري / ٽنڊوآدم مين روڊ تي معين پير درگاهه وٽ نامعلوم ڦورن هٿيارن جي زور تي پوليس اهلڪار/ڏسو صفحو 2 بقايا 11

راڻيپور ۾ هڱورجا واسين جو انصاف لاءِ احتجاجي مظاهرو

نينگر جا قاتل جاني نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون پيا ڏين: منير احمد گلال

زندگين کي خطرو آهي، تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي: محمد فضل گلال

راڻيپور (رپورٽر) هڱورجا ۾ ڇهه مهينا اڳ مبينا طور تي قتل ٿي ويل معصوم نينگر علي حيدر گلال جي وارثن پاران جوابدارن جون موت مار ڌمڪيون/ڏسو صفحو 2 بقايا 12

ڪنڌڪوٽ ۾ پيا برادري جي عورتن جو ڦر ٿيل چوپائي مال جي واپسي لاءِ پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

ڳوٺ رئيس خان پيو واسين مائي ست ڀائي، سڪينه، مائي شهزادي ۽ ٻين انصاف جي لاءِ دانهون

غريب آهيون، ڌاڙيل سرعام ڪارروائي ڪري مال ڪاهي پيا، لکين روپيا پتو طلب ڪري رهيا آهن: سڪينه

ايس ايس پي ۽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻي کي اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي اسان سان تدارڪ ڪن: مطالبو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ ڳوٺ رئيس قالوخان پيو جي رهواسين عورتن ڪلام پاڪ کڻي احتجاج ڪندي مائي ست ڀائي، مسمات سڪينه، مائي شهزادي، سٽي پيو چيو ته بدنام ڌاڙيل صدام پيو ۽ ان جا ساٿي رزاق، مومن پيو ۽ ٻيا اسان جي گهرن ته ڪاهه ڪري ڌنار ۽ عورتن کي زخمي ڪري اسان جو چوپايو مال هٿيارن جي زور تي ڪاهي ويا آهن ۽ عورتن کي پڻ زخمي ڪري فرار ٿي ويا آهن ۽ اسان کان لکين روپيا پتو طلب ڪيو هو پتو ڏيو پوءِ چوپايو /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

ڪنڌڪوٽ: پيا برادري جون عورتون ڦر جي واپسي لاءِ احتجاج ڪري رهيون آهن

گهوٽڪي ۾ پنجين ڏينهن به بجلي چورن ۽ رهتن لاءِ آپريشن

سيپڪو عملدارن ڪارروائي ڪري 30 لک صارفين کان اڳاڙي ورتا

بجلي چورن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي: ظهور احمد نوناري

گهوٽڪي (رپورٽ حاجي محمد مهر) سيپڪو گهوٽڪي پاران بقايا جات جي وصولي لاءِ گهوٽڪي شهر جي مختلف علائقن ۾ پنجين ڏينهن به گرينڊ آپريشن ڪيو ويو آپريشن جي اڳواڻي ايس اي سيپڪو سرڪل گهوٽڪي ظهور احمد/ڏسو صفحو 2 بقايا 14

راڻيپور ۾ سماجي اڳواڻن جو پبلڪ هيلٿ ۽ ٽائون انتظاميه خلاف ڌرڻو

امداد لاڙڪ جي اڳواڻي ۾ ريلي نڪتي، مختلف رستن کان ٿيندي قادر بخش ميمڻ چوڪ تي پهتي، ڌرڻو هنيو ويو

عباسي محلا، پيلار مارڪيٽ ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو به ترقياتي ڪم نه ڪرايو ويو آهي: امداد لاڙڪ

انجنيئر، ايس ڊي او ۽ ٺيڪيدارن جي مدد سان آيل بجيٽ کي ڳڙڪائي رهيا آهن: نماڻو سرڪي

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور جي شهرين، سياسي سماجي اڳواڻن جو شاهي بازار ۾ پبلڪ هيلٿ ۽ ٽائون انتظاميه خلاف ريلي ڪڍي احتجاج ڪري ڌرڻو هڻيو پبلڪ هيلٿ جي ڪرپٽ انجنيئر ۽ ٽائون جي نااهل عملي خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

راڻيپور: سياسي سماجي اڳواڻ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ تي پبلڪ هيلٿ ۽ ٽائون انتظاميا خلاف ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

ڏهرڪي ۾ آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن جو حقن لاءِ احتجاج

ملڪ نويد اعوان ۽ سوار خان تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي: منير سومرو

فوتي ۽ سن ڪوٽه تي عمل ڪري اڳواڻن تي داخل ٿيل ڪيس ختم ڪيو وڃي: مطالبو

ڏهرڪي (رپورٽ وجي ڪمارچاولا) لوڪل گورنمينٽ جي ملازمن لاءِ آواز اٿارڻ جي ڏوهه ۾ آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

لاڙڪاڻي واسڻ جو مڙس جي زيادتين خلاف احتجاج

مڙس گهر جو خرچو گهرڻ تي تشدد ڪري ٿو: سيمه ڪلهوڙو

والد وٽ رهان پئي، مڙس جي ايم ڪلهوڙو ڌمڪيون ڏئي پيو: نظر پاڙي واسڻ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي نظر محلا جي رهواسڻ عورت مڙس جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو. ان موقعي /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

مظهر ميمڻ فائونڊيشن پاران روشن تارا اسڪول جي شاگردن ۾ ڊريس ۽ بوٽ تقسيم

ڊونيٽ ڪيل سامان سگا شاخ ڪلوئي جي اڳواڻن ايم عباس نهڙيو ۽ ٻين ورهايو

مدد ڪرڻ تي مظهر ميمڻ فائونڊيشن جا ٿورائتا آهيون: محمد عباس نهڙيو

ڪلوئي (ن پاڪ) ڪلوئي ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سگا جي زير انتظام هلندڙ روشن تارا اسڪول ڪلوئي ۾ پڙهندڙ ٻارجي/ڏسو صفحو 2 بقايا 20

ڪلوئي: روشن تارا اسڪول جا شاگرد ۽ شاگرديائيون مليل سامان کڻي بيٺل آهن

ساس پريالوءِ جي دستوري گڏجاڻي، لکڻيون اصلاحي تنقيد لاءِ پيش

لکڻين ۾ سنڌ سان ٿيندڙ نا انصافين بابت گهڻ مواد آهي: سجاد ميراڻي

شاعر ڌرتي تي ٿيندڙ ڪلورن کي روڪڻ لاءِ قلم استعمال ڪن: ڪندن لال

خيرپور (ڊر) سنڌي ادبي سنگت پريالوءِ جي دستوري گڏجاڻي سينيئر شاعر استاد ڪندن لعل جي صدارت ۾ ٿي گڏجاڻيءَ ۾ سعيد سنڌي ، بلال /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

نصير آباد واسي جو پاڪ ڪتاب کڻي ساهرن خلاف احتجاج

گهرواري ڀين جي چوڻ ته گهر مان سامان کڻي وئي آهي: جي ايم ڪلهوڙو

معذور هجڻ ڪري سيمه طلاق لاءِ عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي آهي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ نصيرآباد شهر جي اوڊانو پاڙي جي رهواسي معذور پورهيت ساهرن ۽ ٻاڻرن خلاف پاڪ ڪتاب کڻي پريس /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

خيرپور لڳ ايل پي جي ويئر هائوس تي ڇاپو، غير قانوني هجڻ تي سيل

غير قانوني پيٽرول ۽ گئس جو وڪرو برداشت ناهي: ڊي سي خيرپور

ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ۽ پيٽروليم ايڪٽ تحت ڪارروائي ڪئي ويندي

خيرپور (ڊر) ڊپٽي ڪمشنر سيد احمد فواد شاهه چيو آهي ته غير قانوني طور ضلعي ۾ پيٽرول ۽ گيس جو وڪرو هر گز برداشت نه ڪيو ويندو ۽/ڏسو صفحو 2 بقايا 17

ڪراچي جي سچل ٿاڻي جي حد ۾ بدامني، چور ڪار ڪاهي ويا

سچل جي ايف بلاڪ مان چور گهر ٻاهران بيٺل ڪار ڪاهي فرار ٿي ويا

هر روز ڏوهه وڌي رهيا آهن پر پوليس ڪو به قدم کڻڻ لاءِ تيار ناهي: شنڪر

ڪراچي اوپر(ن پاڪ) سچل ٿاڻي جي حد ۾ بدامني تي ضابطو اڃا نه سگهيو آهي اسٽريٽ ڪرائيم سميت گاڏيون چوري ڪرڻ روز جو معمول/ڏسو صفحو 2 بقايا 16

زيبسٽ يونيورسٽي لاڙڪاڻو ڪئمپس جو 19 هون ڪانووڪيشن، 177 گريجوئيٽس کي ڊگريون ڏنيون ويون

يقين آهي نوجوان سماج ۾ مثبت تبديلي آڻڻ ۾ ڪردار ادا ڪندا: وي سي

زيبسٽ يونيورسٽي هميشه معياري تعليم کي فروغ ڏنو آهي اڄ جي تقريب هن جو ثبوت آهي: آصف احمد شيخ

مان ميرٽ جي اصولن تي عمل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيان، شاگردن کي جدوجهد شروع ڪرڻ گهرجي: خطاب

لاڙڪاڻو(رابيل جاگيراڻي) زيبسٽ يونيورسٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا 3

ميهڙ ۾ ڳوٺاڻن جو سرڪاري گهٽي تي قبضي خلاف احتجاج

مختيارڪار سان به ملياسين، پر ڪڙتيل ناهي نڪتو، جوابدار ڌمڪائين پيا: دلبر چانڊيو

ماڊل ڪورٽ ۾ ڪيس ڪيو، مختيارڪار عدالت ۾ غلط رپورٽ ڏني: نديم علي چانڊيو

ميهڙ (رپورٽر) سرڪاري گهٽي تي غير قانوني اڏوات ڪري قبضو ڪرڻ ۽ گهرن کي باهه ڏيڻ خلاف ميهڙ جي ڳوٺ قاضي عارف جي رهواسي نديم /ڏسو صفحو 3 بقايا 6

ميهڙ پريس ڪلب
MEHAR PRESS CLUB
ميهڙ: ڳوٺ قاضي عارف واسي بااثر خلاف دانهي رهيو آهي

رضا خوشي سان پرڻو ڪيو آهي، ڌمڪيون ملن پيون: مورو واسڻ

امجد علي جيسر سان عدالت ۾ پسند ڪرڻو ڪيو آهي: حرمت جيسر

تحفظ فراهم ڪري ڌمڪيون ڏيندڙ گرفتار ڪيا وڃن: جوڙي جو مطالبو

ناروشاهه: (رپورٽ واجد سومرو) مورو پرسان ڳوٺ گل محمد جيسر جي رهواسڻ ناري حرمت جيسر پنهنجي عزيز نوجوان امجد علي جيسر سان /ڏسو صفحو 3 بقايا 7

جي ڊي اي اڳواڻ جام ذوالفقارعلي جام نوازعلي پريس ڪلب پهتو، چونڊيل عهديدارن کي واڌايون

جام نوازعلي (سليم لسڪاڻي) جي ڊي اي جي صوبائي اڳواڻ جام ذوالفقار علي خان پاران جام نواز /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

بخش علي شاهه جي ديني خدمتن کي وساري نه سگهبو: مفتي عبيدالله ڏاهري

سنڌ صوفين بزرگ اوليائن جي ڌرتي آهي جتي هميشه پائيچارو مليو آهي: مولانا محمد

شهيد هميشه زنده هوندا آهن: بخش علي شاهه جي ٻهرين ورسي تقريب کي خطاب

ڪڪڙ (ن پاڪ) ڪڪڙ جي سيد پاڙي ۾ ڪڪڙ جي مشهور ديني عالم ۽ اهلسنت جي سيد سعادات اڳواڻ مرحوم سيد بخش علي شاهه لڪياري /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

آپڪا صوبائي صدر لاڙڪاڻي پهتو، ضلعي صدر پاران آجيان، ڊائريڪٽر سيڪنڊري سان ملاقات

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) آل پاڪستان ڪلارڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا 5

ڪڪڙ: ديني عالم ۽ اهلسنت جي سيد سعادات اڳواڻ مرحوم بخش علي شاهه لڪياري جي ايصال ثواب لاءِ ڪوٺايل ديني محفل جو ڏيک

سکر ۾ نينگر علي اصغر جي بازيابي عمل ۾ نه آئي، وارثن جو احتجاج

پريس ڪلب اڳيان نينگر والد زاهد حسين مگريو جي اڳواڻي ۾ ڪئمپ قائم ٿيل

ڏهن سالن جو عرصو ٿيڻ وارو آهي، پر هن مهل تائين پٽ جي ڪا خبر ناهي: والد

سکر(بيورو رپورٽ) سکر مان اغوا ٿيل نينگر علي اصغر /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

الحق فائونڊيشن ۽ الزهره ميڊيڪل سينٽر انتظاميا پاران اکين جي لڳايل ڪئمپ پڄاڻي تي پهتي

مورو (حاجي بادل زرداري) مورو ۾ الحق فائونڊيشن ۽/ڏسو صفحو 3 بقايا 9

سگا جي اڳوڻي سيڪريٽري تعليم نظير احمد پنڀ جي اٺين ورسي ملهائي وئي

نظير احمد پنڀ متحرڪ ۽ بي مثال رضاڪار هيو: پروفيسر خالد حسين

سگا ۾ رهندي مرحوم جون تعليم ۽ صحت لاءِ تمام گهڻيون خدمتون سرانجام ڏنيون، سنڌس ڪردار وسرڻ جهڙو نه آهي: پيرل خان ڪوسو

هو هر ڪنهن کي سچ منهن تي چئي ڏيندو هو، اينڊڙ ورسي تي هڪ شاندار تاثراتي ڪتاب آڻبو: شهاب الدين شاهاڻي

خداآباد (پ ر): سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي روح روان، نه وسرندڙ شخصيت سگا جو اڳوڻو سيڪريٽري تعليم محترم سائين نظير احمد پنڀ جي اٺين ورسي، سگا خداآباد شاخ پاران گورنمينٽ هاءِ اسڪول /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

SGA
سماج سڌارڪ جي 8 ورسي
محترم نظير احمد پنڀ
خدا آباد: سگا اڳواڻ نظير احمد پنڀ جي ورسي تقريب جو ڏيک، ٻي پاسي مقرر آخري آرامگاهه تي حاضري ڀري رهيا آهن

هيءُ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سمر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي_آر_آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي